# سرسو

ڀھراڙي جي ترقي ۾ اوھان جو مددگار ادارو







سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

چهہ ماهي

# سرسو

جولاءِ 2013 کان ڊسمبر 2013

اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن. (10:4)
(القرآن)

## هن شماري ۾ .................


- ايڊيٽر پاران ............................................. 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ................................ 3
- ايڪٽنگ چيف آپريٽنگ آفيسر جو پيغام ............................ 4
- سرسو تي هڪ نظر ......................................... 5
- روزگار جي واڌاري وارو منصوبو ............... امام علي 6
- يونين ڪائونسل سطح تائين غربت گهٽايو پروگرام... شاهد حسين 11
- مقامي سهڪاري تنظيم جي جوڙجڪ .................. الطاف حسين 15
- قدرتي وسيلن جي انتظام ڪاري .................... نثار احمد پنهور 17
- سرسو - بروڪ فلاحي پروجيڪٽ ................ نثار احمد 20
- ڳوٺاڻن سان ڪم ڪيئن ڪجي؟ ..................... بخت علي ابڙو 22
- گهريلو سطح تي سبزين جي پوکائي ............ سليم چنه 26
- تصويري ڏيک ............................................. 27
- سنڌ جون ڀهراڙيون ................... نويد اسحاق ميمڻ 31
- بزرگن جي مدد وارو پراجيڪٽ ... ڊاڪٽر منصور علي 33
- انڊيا ۾ ست روزه دستڪاري ميلو .. ثمينه برڪت علي 35
- سرسو ميجتا : ميڊيا جي نظر ۾ ................................ 38
- سرسو جي سهڪار سان ...................... روبينه بلوچ 41
- صنفي جاڳرتا .......................... نياز علي سومرو 43
- هنر بادشاهہ آهي .......................... زبير سومرو 45
- ماڻهو ۽ ماڻهپو ............................ نثار احمد 47
- ايليمينٽري ڪلسٽر اسڪول جو قيام ...... غلام علي 49
- احساس پروجيڪٽ ........................ مقصود ڪولاچي 51
- حصولات وارو شعبو ........................ اميتڪمار 53
- غريب ماروئڙن کي منظم ڪرڻ ...... سيده نازيہ شاهہ 55



### ايڊيٽر

**سيده نازيہ شاهہ**

اسسٽنٽ جنرل مئنيجر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

### ايڊيٽوريل بورڊ

**نثار احمد پنهور**

پروگرام مئنيجر NRM
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**رخسانہ رياض علي**

سينيئر پروگرام مئنيجر G&D
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**زبير سومرو**

مئنيجر ايچ.آر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**بخت علي ابڙو**

سينيئر پروگرام آفيسر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.



رابطي لاءِ آفيس

**سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**

سرسو ڪامپليڪس - ويجهو تاج پيٽرول پمپ، شڪارپور روڊ سکر.

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جيئن تہ اتر سنڌ جي ڏهن (10) ضلعن ۾ ڳوٺاڻن کي فني ۽ هنري سکيا، ترقي فڪري اوسر ۽ مثبت سماجي جوڙجڪ کي ترتيب ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، تنهنڪري ان ڳالهہ کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اسان جو سماجي تاجي پيٽرو تمام گهٽو ناپيد ٿي چڪو آهي ۽ مختلف سببن جي ڪري هتان جو اڪثر عوام غربت جي لڪير کان بہ هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. اسان جي ماڻهن وٽ وڏي مقدار ۾ افرادي قوت تہ آهي پر سندن وٽ مهارت جي ڪوٽ آهي. نيڪ خواهشون ۽ تمنائون تہ آهن پر معاشي طرح زوال واري ڪيفيت بہ گڏوگڏ آهي!.

جيئن تہ سرسو ڳوٺاڻي ترقيءَ جو هڪ اهم ۽ مؤثر پليٽ فارم آهي، جيڪو مقامي وسيلن کي ڪتب آڻيندي مختلف شعبن ۾ پيداواري صلاحيتون وڌائڻ لاءِ ڪم ڪري ٿو. ۽ غريب ڳوٺاڻن جي زندگيءَ کي بهتر، خوشحال بنائڻ ۽ کين غربت مان جان ڇڏائڻ لاءِ جيڪي ڪجهہ هن وقت تائين ڪيو آهي اهو عوام جي سامهون آهي، اسان کي ان ڪيل ڪم جي بهتر ۽ مثبت موٽ ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ وستين مان ملي رهي آهي. ڪابہ جدوجهد عوامي شرڪت، عوامي سجاڳي کانسواءِ اڳتي وڌي نہ سگهندي آهي ۽ نہ ئي قومي اجتماعي مقصد حاصل ٿي سگهندا آهن.

سرسو جو مقصد بہ اهوئي آهي تہ ٻهراڙي جي غريب ماڻهن کي غربت کان نجات ڏيارجي، کين خوشحال زندگي طرف وٺي وڃڻ جو گس ۽ پيچرو ٻڌائجي، ان ڏس ۾ سندن سهائتا ڪجي تہ جيئن هي اٻوجهہ ۽ گهٽ سمجهہ وارا ماروئڙا، پاڻ کي سمجهي سگهن ۽ پڻ پنهنجي مسئلن کي سمجهندي ان جو مستقل حل ڳولهي وٺن.

اسان کي اوسيئڙو آهي، اوهان جي انهن خطن، تنقيدن، تعريفن ۽ تجويزن جو تہ اسان جو ادارو سرسو غريب، بي پهچ ۽ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي جيڪا فني لحاظ کان تربيت ۽ جاڳرتا ڏئي رهيو آهي. ننڍن ننڍن ڪاروبارن خاطر فنڊنگ يا معاونت ڪري رهيو آهي. ان جو ڪارج ۽ ڪهڙا اثر پئجي رهيا آهن. اسان ترقي طرف گامزن ٿيل ساٿين جي ڪنيل وِکُن کي جلا بخشڻ لاءِ هي اشاعتي سلسلو بہ هلائيندا پيا اچون تہ جيئن هن عمل کي وڌ کان وڌ ماڻهن تائين متعارف ڪرائي سگهجي. اسان جي هن اشاعتي سلسلي جو مقصد سنڌ جي ٻهراڙين جي ترقي واري عمل ۾ حصو وٺڻ لاءِ اتان جي ماڻهن کي راغب ڪرڻ پڻ آهي. سرسو سڀني جي تعاون جو شڪرگذار پڻ رهندو

هميشہ سُکيا هجو.

**سيده نازيہ شاهہ**

# پيغام

سنڌ جي آباديءَ جو گهڻو حصو ٻهراڙين تي مشتمل آهي. جتي ترقياتي ڪمن، صحت ۽ تعليم جون سهولتون ميسر ڪونہ آهن. ٻهراڙين ۾ زندگيءَ جو معيارُ انتهائي هيٺ آهي. مسڪين ماروئڙا غربت ۽ بدحاليءَ جي حالت ۾ زندگي گهارين پيا. بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ ماڻهن جي زندگيءَ کي انتهائي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سرسو سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڳوٺاڻن جي ڀلائي ۽ ڀهبود لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهي آهي. سرسو جي اڻٿڪ محنتن ۽ پاڻ ارپڻ واري جذبي جي نتيجي ۾ خوشحاليءَ جي خوابَ کي ساپيان جو روپ مليو آهي.

هڪ خوشحال ۽ پاڻ ڀَري سنڌ جو خواب اسان جي اکين جي سونهن آهي جنهن کي حقيقت جو رُوپ ڏيارڻ لاءِ ”سرسو“ جا ڪارڪن ڏينهن رات محنت ڪري رهيا آهن.

جيئن تہ سنڌ جي پٺتي پيل علائقن جي ماڻهن منجهہ سجاڳي ۽ شعور پيدا ڪرڻ ۽ گڏوگڏ انهن جي لاءِ خوشحال زندگيءَ جا رستا هموار ڪرڻ ۾ غيرسرڪاري ادارن جو وڏو هٿ رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ وري جڏهن سرسو جي ڪردار جي ڀيٽ ڪجي تہ هي باوقار ادارو هميشہ منفرد حيثيت ماڻيندي نظر ايندو آهي. سونهاري سنڌ جي ڏهن ضلعن جي ٻهراڙين ۾ تعليم، صحت، انشورنس، مال مويشي، فني ترقي ۽ تعميرات، ننڍي پئماني تي قرض ۽ ٻين شعبن ۾ سرسو جيڪو ڳاڻ ڳڻيو ڪردار ادا ڪيو آهي اُهو ڪنهن بہ روايتي تعارف يا تعريف جو مُحتاج ڪونہ آهي.

اسان جي ڏينهن رات اها ڀرپور ڪوشش آهي تہ، اسان سنڌ جي ڳوٺن جي بنيادي مسئلن جهڙوڪ غربت، زراعت، مال مويشي، تعليم، صحت، پاڻي ۽ ٻين ڪوڙ سارن ننڍن وڏن مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ مستقل ۽ پائدار ترقيءَ جي عمل کي يقيني بڻايون. ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اسان جنهن مقصد لاءِ ميدان ۾ لٿل آهيون، اهو ڪو آسان يا ٻاراڻو ڪم نہ آهي. اسان ان راهہ جي سمورين اوڻاين کي ڀليڪار ڪيو آهي، ان عزم سان تہ اهي اوڻايون اسان لاءِ مشعلِ راهہ بڻبيون.

ساڻ سلامت

**ناهيد شاهہ دراني**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سرسو سکهر

# پيغام

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن غربت گهٽايو پروگرام جي اُصولن تي هلندي اُتر سنڌ جي ڏهن ضلعن سکر، خيرپور، نوشهروفيروز، گهوٽڪي، شڪارپور، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ، بينظيرآباد ۽ قمبر ايٽ شهدادڪوٽ جي ٻهراڙين ۾ ڏينهن رات ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ۾ رڌل آهي ۽ غربت گهٽايو فلسفي جي بنيادي اصولن ۽ پنهنجي وسيع تر پروگرام جي ذريعي قابلِ ذڪر ڪاميابيون ماڻيون آهن. اسان کي فخر آهي ته اسان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي پليٽ فارم تان سنڌ جي ٻهراڙين کي معاشي ۽ سماجي طور بهتر ۽ طاقتور بڻائي ترقيءَ جي راهه تي آڻڻ لاءِ جاکوڙيون پيا. اسان جا سمورا پنڌ، عمل جي انهن پيچرن تي آهن جتي ترقيءَ جون منزلون ڪنهن چٽي روشن صبح جيان اسانجي انتظار ۾ آهن.

جيئن ته اسان جي ڪيل جدوجهد سنڌ جي ٻهراڙين جي ماڻهن جي سهڪار سان عوام آڏو آهي ۽ انهن جا ڪوڙسارا مُثبت اثر اهو ثابت ڪن ٿا، ته اسان جو مستقبل روشن آهي. سنڌ جي ٻهراڙين جا مسئلا ڪو هڪ طرفا ڪونه آهن ۽ نه ئي ڪي نوان آهن، انهن سمورن مسئلن جو علاج ممڪن آهي پر وقت ۽ مستقل مزاجي بنيادي شرط آهي.

ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اسان کي هڪ منظم ۽ مهذب سماج جوڙڻ لاءِ جديد طرز ۽ گهڻ رخي جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙي مسلسل جدوجهد جيڪا اجتماعي نمونے ڪئي وڃي ۽ ديرپا اثر ڏيکاري. انهيءَ سلسلي ۾ سرسو جا ساٿي ڪيترين ئي ٻين سماجڪ تنظيمن سان گڏجي ميدانِ عمل ۾ جاکوڙين پيا.

اسان کي ان ڳالهه جو فخر آهي ته سرسو غربت خلاف جنگ ۾ ڪافي ڪاميابيون ماڻيون آهن ۽ غريب ماڻهن کي گهر، تعليم، صحت، انشورنس، رستا، زراعت ۽ مال مويشي بابت ترقي ڏيارڻ ۾ پڻ ڪاميابيون ماڻيون آهن.

آءُ ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماروئڙن کي اها گذارش ڪندس ته هو قدم وڌائي سرسو سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي هلن ته جيئن منزل طرف وک وڌائڻ ۾ آساني پيدا ٿئي، ترقي جو عمل تيز ٿئي ۽ خوشحال زندگي کي حاصل ڪرڻ وارو خواب، پڻ ساڀيان ماڻي.

سائيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار عـالـم سڀ آباد ڪرين.

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

ايڪٽنگ چيف آپريٽنگ آفيسر
سرسو سکر

# سرسو تي هڪ نظر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن هن وقت سنڌ صوبي جي ڏهن ضلعن (سکر، خيرپور، گھوٽڪي، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور-ڪنڌڪوٽ، قمبر-شهدادڪوٽ، نوشهروفيروز، لاڙڪاڻو ۽ نوابشاهه جي 389 يونين ڪائونسلن ۾ ڪري رهي آهي ۽ انهن ۾ يونٽ آفيسون پڻ کوليون ويون آهن. سرسو جي سوشل موبلائيزيشن (سماجي تحرڪ) واري شعبي ڊسمبر 2013ع تائين ٽوٽل 37065 ڳوٺاڻيون تنظيمون ۽ 90 لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جوڙايون آهن. جنهن ۾ 34682 مردن جون ۽ 2383 عورتن جون تنظيمون شامل آهن. هن شعبي جا سوشل آرگنائيز (سماج سڌارڪ) هر وقت تنظيمن جي ميٽنگ ۽ اجلاسن ۾ شريڪ ٿي ياڳي پائيواري جو درس ڏيندا آهن ۽ سماجي چرچر ذريعي انهن جي شعور کي بيدار ڪندي جاڳرتا ڏيندا رهندا آهن.

آڪٽوبر 2013ع کان سرسو جي قائدانہ صلاحيتن جي عيوض غريب عورتن کي هنر، سلائي ڪڙهائي ڪرت ۽ ڪاروبار کي وڌائڻ لاءِ جٽادار منصوبہ بندي جي رٿا جوڙي وئي تہ جيئن عورتن جي پورهئي کي ملڪي ۽ عالمي سطح تي پذيرائي ملي ۽ اهڙي مجتا عيوض سندن ڪاروبار کي هٽي ڏياريندي انهن جي آمدني ۾ اضافو ڪري سگهجي. مضبوط قيادت ان امر کي بہ يقيني بڻايو آهي تہ جيڪب آباد ۽ ٻين ضلعن ۾ ڏنل ننڍڙن ۽ بنا وياج قرضن کي عورتن جي گروپن جي شڪل ۾ گردش ۾ آندو ويو تہ جيئن ايڪي ٻڌي واري وهنوار کي پروان چڙهائيندي گڏيل حصيداري جي بنيادن تي مڃي جا تلاءِ، اٽي جون چڪيون، مال پالڻ واري ڪرت ۽ سبزين جي نئين پئداوار واري منصوبن کي اپنائيندي پنهنجي آمدني ۾ اضافو ڪري سگهن. ان سان ڳوٺن ۾ نواڻ سميت ڪاروباري منصوبن جي اچڻ ڪري ڳوٺاڻيون غريب عورتون ڪاروباري ڌارا ۾ شامل ٿي سگهنديون.

انهيءَ سلسلي ۾ سرسو جي انساني وسيلن جي ترقي وارو شعبو ڳوٺاڻين تنظيمن کي مخلتف تربيتون ڪرائيندو رهندو آهي. جنهن ۾ تنظيمن جي انتظامي صلاحيتن کي وڌائڻ جون تربيتون، زراعت، مال ۾ ٿيندڙ نقصان کي گهٽائڻ ۽ پنهنجي اپت وڌائڻ ۽ ان سان گڏ هنري سکيا لاءِ مختلف قسم جون تربيتون شامل آهن.

سرسو جي ترقياتي اسڪيمن جي شعبي مختلف قسمن جون 39559 اسڪيمون مڪمل ڪيون آهن. جنهن ۾ ٽيوب ويل، پيئڻ جي صاف پاڻي جون اسڪيمون، گندي پاڻي جي نيڪال جون اسڪيمون، پڪيون گهٽيون، سرن وارا روڊ، واٽر ڪورس، اسڪول جون عمارتون ۽ ننڍيون پليون وغيره شامل آهن. جنهن ۾ ڳوٺاڻن پنهنجو حصو ڏيئي مالڪي جو ثبوت ڏنو آهي.

سرسو ننڍڙن قرضن جي مد ۾ هن وقت تائين 4,411,628,573 قرض ڏنو ويو آهي ۽ آدم جي انشورنس ڪمپني ۽ سرسو ڳوٺاڻن کي صحت جون سهولتون فراهم ڪري رهي آهي ۽ هن وقت تائين 264,020 ماڻهن جي مفت انشورنس ڪرائي وئي آهي.

تعليم واري شعبي جي اهميت کي سمجهندي گورنمينٽ جي 102 اسڪولن کي بهتر بڻائي انهن ۾ استادن ۽ شاگردن جي حاضري کي يقيني بڻايو ويو آهي. انهيءَ کان علاوه 3 ڪلسٽر اسڪول پڻ کوليا ويا آهن جنهن کي مڪمل طور ڊيڪوريٽ ڪري استاد پڻ ڀرتي ڪيا ويا آهن.

گگدامن جي سارسنڀال لاءِ هن مهل تائين ڇئن ضلعن ۾ 50 گروپس پڻ جوڙيا ويا آهن.

تنظيمن جي سرسو کي ڀرپور موٽ ملي آهي، انهيءَ سبب ڪري ئي اڄ سرسو پنهنجي ڪم کي آسانيءَ سان وڌائي رهي آهي.

سرسو هر ضلعي ۾ پنهنجون آفيسون پڻ کوليون آهن ۽ انشاءالله اهي آفيسون سرسو جي تنظيمن کي وڌيڪ فعال ۽ حڪومتي ۽ ٻين ادارن سان رابطي کي وڌيڪ مضبوط ڪنديون. تہ جيئن ڀهراڙي جو غريب ماڻهو غربت جهڙي بيماري مان نجات حاصل ڪندي خوشحال زندگي طرف وک وجهي سگهي جيڪو سرسو جو مشن، عزم ۽ خواب پڻ آهي، شال اهو خواب ساڀيان ماڻي.

# روزگار جي واڌاري وارو منصوبو (LEP)

## گهوٽڪي ضلعي جي غريب خاندانن لاءِ نئين اُميد

امام علي ڏيٽو



ٻهراڙي جا ابوجهه ۽ منجهيل ماڻهو جيڪي هميشه غربت جي ڏٻڻ مان نڪرڻ لاءِ واجهائيندا رهن ٿا، تن لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) هڪ اهڙي آرگنائيزيشن آهي جيڪا انهن لاءِ ڪنهن مسيحا کان گهٽ نه آهي. سرسو، پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (PPAF) جي سهڪار ۽ رٿا بندي سان هڪ منصوبو شروع ڪيو آهي، جنهن تي عمل ڪندي غريب گهراڻا پنهنجي ماهوار آمدن ۾ اضافي لاءِ مختلف روزگار جا وسيلا ڳولهي سگهندا.

هي منصوبو ضلعي گهوٽڪي جي تعلقي گهوٽڪي ۽ خانپور ۾ شروع ڪيو ويو آهي. هن پروجيڪٽ هيٺ غريب گهراڻا جن جي معاشي حالت بابت ڪيل سروي موجب اسڪور 0 کان 18 آهي، اهي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ آهن، اهي ئي هن پروجيڪٽ مان اصل فائدو حاصل ڪري سگهندا. جڏهن ته 0 کان 18 اسڪور رکندڙ گهرڻا مختلف تربيتون وٺندي خوشحال زندگي طرف وک وڌائي سگهندا.

**0 کان 11 اسڪور حاصل ڪندڙ گهراڻا.**

هي گهراڻا قابل رحم غريب گهراڻا يعني Ultra Poor سڏجن ٿا، جيڪي معاشي طور تي سماج جي آخري طبقي واري حيثيت رکن ٿا ۽ انتهائي مشڪل زندگي گهارين ٿا، انهن گهراڻن وٽ ڪي به مالي اثاثا نه ٿا هجن جيئن مينهن، ڍڳي، ٻڪري، موٽر سائيڪل، ٽي.وي ۽ فرج وغيره. مٿي ذڪر ڪيل پروجيڪٽ هيٺ اثاثن جي ورهاست ۾ هنن گهراڻن جو سڀ کان پهريون ۽ بنيادي حق هجي ٿو.

**12 کان 18 درجه حاصل ڪندڙ گهراڻا.**

هنن گهراڻن جي سماجي ۽ معاشي حالت به انتهائي ڳڻتي جوڳي هجي ٿي. هنن وٽ به ڪمائي جو ڪو بهتر وسيلو نه ٿو هجي. هي گهراڻا ,روز آڻن ۽ روز چاڙهڻ“ واري ڪار هيٺ زندگي گذارين ٿا. هنن گهراڻن کي ”Vulnerable Poor“ سڏيو وڃي ٿو.



مٿي ذڪر ڪيل پروجيڪٽ هيٺ صرف تمام گهڻا غريب (Ultra Poor) ۽ قابل رحم غريب (Vulnerable Poor-) خاندانن کي پروجيڪٽ جو حصيدار قرار ڏنو ويو آهي. البته ٽريننگ وغيره جي حاصلات لاءِ 0 کان 23 اسڪور حاصل ڪندڙ خاندانن کي به شامل ڪري سگهجي ٿو.

LEP پروجيڪٽ ضلعي گهوٽڪي جي ٻن تعلقن (گهوٽڪي ۽ خانپور) جي 6 يونين ڪائونسلن علي

باغ، ٻيرڙي، باگو ڏهو، خانپور، لوهي ۽ پيٽور ۾ هلي رهيو آهي.

ذڪر ڪيل سروي موجب خاندان جي معاشي حالت بابت تفصيلي چارٽ هيٺ ڏجي ٿو.

يونين ڪائونسل سطح تي پاورٽي اسڪور ڪارڊ

| نمبر | ضلعو | تعلقو | يونين ڪائونسل | خاندانن جي غربت جي شرح | | | | ٽوٽل گهراڻا |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | 11-0 | 18-12 | 23-19 | 100-24 | |
| 1 | گهوٽڪي | گهوٽڪي | ٻيرڙي | 332 | 568 | 497 | 1,717 | 3,114 |
| 2 | | گهوٽڪي | علي باغ | 673 | 906 | 659 | 1,622 | 3,860 |
| 3 | | گهوٽڪي | باگو ڏهو | 620 | 928 | 644 | 1,374 | 3,566 |
| 4 | | خانڳڙهه | پيٽور | 1,045 | 1,088 | 1,034 | 1,778 | 4,945 |
| 5 | | خانڳڙهه | لوهي | 885 | 833 | 837 | 1,079 | 3,634 |
| 6 | | خانڳڙهه | خانڳڙهه | 1,335 | 1,157 | 1,053 | 1,931 | 5,476 |
| | | | **ڳڏيل ٽوٽل** | **4,890** | **5,480** | **4,724** | **9,501** | **24,595** |

LEP پروجيڪٽ جا مکيه هيٺيان جزا / حصا آهن.




1) **اثاثن جي رهاست / منتقلي Assets Transferring**

هي پروجيڪٽ جو سڀ کان اهم حصو آهي جنهن جو بنيادي مقصد غريب گهراڻن جا اثاثا / ملڪيت وڌائڻ آهي. سڀ کان انتهائي غريب گهراڻا جن جو اسڪور 0 کان 18 آهي. انهن گهراڻن جي نشاندهي ڪرڻ ڪئي ويندي آهي، جن وٽ ٻهريان ڪو به اثاثو يا ملڪيت موجود نه آهي. ان ڪانپوءِ ان گهراڻي جي مرضي موجب اثاثو خريد ڪري ڏيڻ ۾ مالي سهڪار ڪيو وڃي ٿو، ته جيئن اهي خاندان گهربل اثاثو حاصل ڪري پنهنجي آمدني لاءِ ڪو مستقل ذريعو بنائي سگهن

**اثاثو حاصل ڪرڻ جو لاءِ شرط: Condition for Assets Beneficiary**

اثاثي حاصل ڪرڻ لاءِ پروجيڪٽ موجب هيٺيان بنيادي شرط مقرر ڪيا ويا آهن.

a) اثاثو حاصل ڪندڙ خاندان جو غربت جي خاتمي لاءِ ڪيل سروي موجب اسڪور 0 کان 18 هجي.

b) اثاثو حاصل ڪندڙ ڪنهن به ڳوٺاڻي تنظيم جو ميمبر هجي.

c) اثاثو حاصل ڪندڙ لاءِ لازم آهي ته ان جو تعلق مٿي ذڪر ڪيل ڪنهن به يونين ڪائونسل سان هوندو.

d) اثاثو حاصل ڪرڻ لاءِ شناختي ڪارڊ جو هجڻ لازمي آهي.

e) اثاثو حاصل ڪندڙ ٻهريان سرسو کان قرض جو باقيدار نه هوندو.

f) اثاثو حاصل ڪندڙ خاندان جو 'LIP' فارم مڪمل هجڻ لازمي آهي.

g) اثاثو حاصل ڪرڻ کان ٻهريان گهربل تربيتي ڪورس ڪرڻ لازمي آهي.

ياد رهي ته فقط ذڪر ڪيل شرطن تي پورو لهندڙ خاندانن کي ئي اثاثا منتقل ڪري سگهجن ٿا.

**اثاثو منتقل ڪرڻ جو طريقيڪار:**

- سرسو عملدار 0 کان 18 اسڪور وارن خاندانن جي لسٽ ڪٺي ڳوٺن ۾ ڳڏجاڻيون ڪندو.

- تنظيم جي گڏجاڻين ۾ اهل خاندانن جي نشاندهي ڪندو، جنهن لاءِ تنظيم قرارداد منظور ڪندي.
- تنظيم جانور يا دوڪان جي حاصلات لاءِ هڪ ڪاميٽي تشڪيل ڏيندي، جيڪا جانور جي خريداري يا دوڪان جي لاءِ گهربل سامان جي خريداري ۾ ان خاندان جي مدد ڪندي.
- دوڪان جي سامان يا جانور جي خريداريءَ لاءِ ڪاميٽي ڪوٽيشن حاصل ڪندي. ٽن ڪوٽيشن جي جامع تفصيل (Comparative Statement) ٺاهي ويندي، جنهن موجب تنظيم گهٽ اگهه واري ڪان خريداري لاءِ اداري کي لکندي.
- اداري پاران ڪيس جي مڪمل نشاندهي ۽ معائني ڪانپوءِ گهٽ اگهه واري واپاري کي حتمي تشڪيل ڏيندي، گهربل رقم جو چيڪ تيار ڪيو ويندو.
- لاڳاپيل LO چيڪ ڪٽي، ان خاندان کي پهچائيندو ۽ رقم جي منتقلي جي تصديق لاءِ ثبوت طور خريد ڪيل جانور يا دوڪان سان گڏ فوٽو ڪڍي، اداري وٽ جمع ڪرائڻ جو پابند هوندو.
- خريد ڪيل جانور ۽ ڪوليل دوڪان وغيره جي مسلسل پوئِواري ڪندو ته جيئن ان جي اثاثي جي جاچ پڙتا ٿيندي رهي.

### اداري پاران هن وقت تائين ڏنل اثاثن جا تفصيل

اداري پاران هن وقت تائين غريب گهراڻن کي ڏنل اثاثن جا تفصيل هيٺئين ريت آهن.

| نمبر | ضلعو | تعلقو | يونين ڪائونسل | مال مويشي | انٽرپرائيز | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | گهوٽڪي | گهوٽڪي | علي باغ | 286 | 46 | 332 |
| 2 | | گهوٽڪي | باگو ڍهو | 240 | 20 | 260 |
| 3 | | گهوٽڪي | هيرڙي | 154 | 28 | 182 |
| 4 | | خانڳڙهه | پيٽور | 135 | 23 | 158 |
| 5 | | خانڳڙهه | خانڳڙهه | 72 | 16 | 88 |
| 6 | | خانڳڙهه | لوهي | 73 | 9 | 82 |
| گڏيل ٽوٽل | | | | **960** | **142** | **1102** |




### تربيتون :

ذڪر ڪيل غريب گهراڻن جي فردن کي مختلف هنري سکيا ڏيڻ پڻ هن اداري جو هڪ اهم مقصد آهي، جنهن هيٺ مال متاع جي سارسنڀال، جديد طريقن سان زرعي پوک متعلق تربيتي ڪورس ۽ ورڪشاپ ڪرائڻ. ان ڪان علاوه هنري سکيا جهڙوڪ: سلائي، برٽ ۽ ڪڙهائي جا ڪورس ڪرائڻ، واڊڪو هنر، ويلڊنگ جا ڪورس، ڪمپيوٽر جا بنيادي ڪورس، موٽر سائيڪل ۽ موبائيل جا مرمتي ڪورس وغيره پڻ ڪرايا وڃن ٿا. جڏهن ته هن مهيني يعني جنوري 2014ع ڪان ضلعي گهوٽڪي ۾ موجود انڊسٽريز ۽ آئل فيلڊس کي نظر ۾ رکندي چار نوان ڪورس ڪرائڻ جي رٿابندي ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ Rigger Operator, excavator machine operator, crane operator, loader operator جهڙا ڪورس شامل آهن. ان ڪان علاوه سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مال مويشي جي هڻ وارو ميلاپ متعلق جديد ڪورس Artificial Insemination (A I) ڪرائڻ لاءِ ضلعي گهوٽڪي جي مختلف

علائقن مان 25 نوجوانن کي لاهور جي نامياري اداري "Ripha Veterinary College" ۾ هڪ مهيني جي ڪورس تي موڪليو ويو آهي. ان کان علاوه سرسو پاران سکر کان ويندي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي چوندن ادارن سان سهڪاري عمل پڻ جاري آهي تہ جيئن وڌ کان وڌ مارڪيٽ ۾ گهربل هنري سکيا لاءِ ضلعي گهوٽڪي جي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڪورسز لاءِ ڏورانهن شهرن ڏانهن موڪلي سگهجي.

LEP پروجيڪٽ هيٺ هن تائين ڪرايل تربيتي ڪورسز جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا

يونين ڪائونسل سطح تي ڪرايل تربيتن جا تفصيل

| نمبر | يونين ڪائونسل | ايگريڪلچر | ووڪيشنل | مال مويشي | CIGs | انٽرپرائيز | يونين ڪائونسل سطح تي ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | علي باغ | 700 | 420 | 518 | 104 | 152 | 1894 |
| 2 | باگو ڏهو | 676 | 257 | 278 | 68 | 77 | 1356 |
| 3 | ٻيرڙي | 249 | 663 | 268 | 156 | 39 | 1375 |
| 4 | ڀيٽور | 0 | 62 | 385 | 0 | 25 | 472 |
| 5 | خانگڙهہ | 0 | 55 | 112 | 0 | 23 | 190 |
| 6 | لوهي | 0 | 22 | 189 | 0 | 9 | 220 |
| | ٽوٽل | **1625** | **1479** | **1750** | **328** | **325** | **5507** |



**Community Livelihood Fund (CLF) (3**

هي فنڊ LEP جو هڪ ٻيو اهم حصو آهي، جنهن جو بنيادي مقصد غريب خاندانن تائين ننڍن قرضن جي صورت ۾ رقم پهچائڻ آهي. هن فنڊ جو مقصد هر يونين ڪائونسل ۾ موجود Local Support Organization (LSO) جي ذريعي ڳوٺاڻي تنظيمن جي غريب ميمبرن کي آسان طريقي سان ننڍن قرضن تائين رسائي ڏيڻ آهي تہ جيئن اهي اهڙي رقم مان پنهنجي ماهوار آمدن وڌائي سگهن. هن فنڊ ذريعي رقم / قرض حاصل ڪرڻ لاءِ ڳوٺ سطح تي Common Invest Groups (CIGs) ناهيا ويا آهن. جن ۾ ڳوٺ ۾ هڪ جهڙا ڪاروباري مفاد رکندڙ مرد ۽ عورتن جا گروپ شامل آهن، جيڪي پنهنجي ڪاروبار کي مارڪيٽ تائين رسائي ڏئي ان ۾ واڌارو ڪرڻ جا منصوبا ناهي رهيا آهن. اهڙن ڪاروباري منصوبن جا LSOs جائزو وٺي رهيون آهن ۽ اهل گروپن يا انفرادي ميمبرن کي قرض ڏيڻ لاءِ پاليسي موجب رٿابندي ڪري رهيون آهن.

CLF جون خوبيون

- CLF جي ڪل رقم 6 ملين روپيا آهي، جنهن جو 15% ان جي آپريشن تي خرچ ڪيو ويندو ۽ باقي رقم 6 يونين ڪائونسلن جي 6 LSOs ۾ برابري جي بنياد تي منتقل ڪئي ويندي.
- هر LSO سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ وٽ رجسٽرڊ هوندي ۽ انجو بينڪ اڪائونٽ پڻ هوندو.

آرگنائيزيشن ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ۾ شامل ڪري هڪ متحرڪ ڌارا جو حصو بڻائيندا آهيون. سماجي تحرڪ وارو تصور ئي اهو واحد ذريعو آهي، جيڪو هڪ گهراڻي جي سطح تي ئي ڪم ڪري ٿو. غريب ۽ غريب کان غريب تر ماڻهوءَ جي غربت مان نيستائين جان نہ ٿي ڇڏائي سگهجي جيستائين ترقيءَ جي ڌارا ڪي ان جي گهر جي سطح تائين لاڳو نہ ٿو ڪجي ۽ جيستائين اهو غريب ماڻهو خود غربت گهٽائڻ واري ڌارا جو حصو نہ ٿو ٿئي.



ڳوٺاڻي غربت کي هڪ مجموعي ۽ مڪمل سوچ/ پروگرام تحت گهٽائي سگهجي. غربت ۾ گهٽتائي آڻڻ سان گڏوگڏ ڳوٺن اندر غربت جي چنبي ۾ ڦاٿل ماڻهن کي سماجي طور تي بهتر ٿيڻ وارن ٻين رخن جهڙوڪ: صحت، تعليم جهڙن اهم پهلوئن تي پڻ سهڪاري ڪردار ادا ڪندو. انهيءَ ۾ ننڍي سطح تي صحت جي انشورنس پڻ شامل آهي جو تہ هڪ غريب ماڻهوءَ کي صحت جي مد ۾ تمام وڏن مسئلن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو، جنهن جي ڪري هڪ غريب! غربت کان بہ هيٺ واري لڪير جو شڪار ٿي وڃي ٿو. انهيءَ کان علاوه سکيا ذريعي ڪميونٽي جي ماڻهن کي ان لاءِ پڻ تيار ڪيو ويندو تہ هو پنهنجي زندگي لاءِ مائڪرو فنانس جو صحيح استعمال ڪن ۽ پنهنجا اثاثا ناهن، جو تہ ڳوٺن اندر غربت جي پنيان اهو پڻ هڪ تمام وڏو ۽ اهم مسئلو آهي.

هن پراجيڪٽ تحت ان ڳالهہ کي پڻ يقيني بڻايو ويندو تہ هڪ ڳوٺ اندر موجود غريب گهراڻي يا غريبن جا حڪومتي ادارن، ٻين خدمتون فراهم ڪندڙ حڪومتي ادارن يا سماجي طور تي حڪومت طرفان تحفظ فراهم ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ هڪ رابطو پيدا ٿئي.

هن پراجيڪٽ ذريعي سماجي تحرڪ واري تصور تحت ماڻهن کي سماجي جاڳرتا فراهم ڪري آمدني وڌائڻ لاءِ گرانٽس فراهم ڪيون وينديون، ڳوٺاڻين تنظيمن جي ذريعي ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ منجهان غريب عورتن ۽ مردن کي ننڍا قرض فراهم ڪيا ويندا تہ جيئن هو پنهنجا معاشي مسئلا حل ڪري سگهن ۽ پنهنجون معاشي حالتون سڌاري سگهن. ان کان علاوه هر غريب گهراڻي منجهان هڪ فرد کي هنري تربيت پڻ ڏني ويندي تہ، جيئن ان غريب گهراڻي جو اهو فرد ان لائق بڻجي جو هو ڪنهن روزگار سان لڳي يا ڪنهن انٽرپرينيوئر سان گڏ ملي ڪري ڪم ڪري تہ جيئن هو پنهنجي گهر جي ڪفالت ڪري سگهي.

سماجي تحرڪ جي تصور تحت غريب ماڻهن سان ڪم ڪندي انهن جي صلاحيتن کي بهتر ڪري انهن جي لاءِ نئي ڪتب آندو وڃي ٿو. جيڪڏهن هڪ اثرائتي ۽ جٽادار طريقي سان غربت کي گهٽ ۽ ختم ڪرڻو آهي تہ پوءِ هر هڪ غريب فرد کي هڪ متحرڪ ساٿي جي روپ ۾ سڃاڻي ۽ تيار ڪري ان کي ترقيءَ واري ڌاري ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪرڻيون پونديون ۽ ان ڪانپوءِ ئي ڪا وڏي سماجي تبديلي اچي سگهي ٿي. منظم سماجي تنظيمن کي رهنمائي ڏئي ۽ انهن جي صلاحيتن کي اجاري ترجيحي بنيادن تي وڏي ۽ ننڍي پئماني تي آمدني وڌائڻ جون سرگرميون ڪري سگهجن ٿيون. ۽ پوءِ منظم انداز سان اهڙيون پيشقدميون ڪٽي سگهجن ٿيون جن سان غربت کي گهٽائي سگهجي.






**صلاحيتن ۾ واڌارو Capacity Building**: ڪميونٽي يا ڳوٺاڻي تنظيمن ۾ صلاحيتن جو واڌارو هميشہ هڪ اهم ۽ ڏکيو ڪم رهيو آهي، انهيءَ ڪري سموري توجهہ ڪميونٽي ۽ ڳوٺاڻي تنظيمن جي تربيت تي رهي تہ جيئن هيٺين سطح تي ڪم ڪندڙ تنظيمون ان قابل بڻجي پون جو هو پنهنجو پاڻ ۽ آزادانہ بنيادن تي رٿابنديون ۽ منصوبہ بنديون ڪري سگهن، پنهنجن وسيلن ۾ اضافو ڪري سگهن ۽ پنهنجين ضرورتن ڪي آڏو رکندي پنهنجي مدد پاڻ تحت هر گهر ۽ هر ڳوٺ جي سطح تي پنهنجن تنظيمي ادارن اندر گڏجاڻيون، ڪچهريون، ڳالهہ ٻولهہ، بحث مباحثا ۽ ورڪشاپ منعقد ڪري سگهن ۽ اهڙيون سرگرميون ڪن جنهن سان غربت جو خاتمو ٿئي. انساني وسيلن جي ترقي جي هڪ اهم جز جي حوالي سان COs, VOs ۽ LSOs جي عهديدارن جون وڏي پئماني تي تربيتون منعقد ڪيون ويون. ڇو تہ هيٺين سطح تي CO هڪ اهڙي طاقتور تنظيم آهي جنهن جي وسيلي اهڙا مضبوط ماڻهو چونڊي سگهجن ٿا جن جي ذريعي Poverty Score Card کي استعمال ڪندي هر گهر جي حاصل ڪيل بينڊ جي بنياد تي هر گهراڻي جي سطح تي پيشقدميون وٺي سگهجن ٿيون ۽ هر هڪ CO جي ذميدار فردن جي تربيت ڪري انهن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ انتهائي ضروري هو تہ جيئن هر CO مڪمل طور تي متحرڪ سماجي ترقيءَ ۾ پنهنجو هڪ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهي. اهو سمورو ڪم تيستائين سرانجام نہ ڏئي سگهجي ها جيستائين عوامي خدمتن جي مؤثر فراهمي ۽ انهن جي مانيٽرنگ جي ڪم جو هڪ منظم نظام نہ جڙي سگهي ها. انهيءَ ڪري جيڪب آباد ضلعي جي 10103 Cos, 8271 VOs ۽ 46 LSOs جي ذميدار فردن انتظام ڪاري Management، CIF جي مانيٽرنگ، قرض جي صحيح استعمال ۽ رڪارڊ ناهڻ جي مد ۾ تربيت ڪئي وئي.



**آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ Income Generating Grant (IGG)**: جن ماڻهن غربت واري ڪارڊ Poverty Score Card ۾ (0-11 Band) اسڪور ڪنيو آهي، اهي غريب کان غريب تر جي درجي ۾ شامل ٿين ٿا ۽ انهن ۾ بيواهہ عورتون ۽ معذوري واري زندگي گذاريندڙ ماڻهو پڻ شامل آهن. آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ (IGG) ڏيڻ جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ پهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو ان قابل بڻجن جو هو پالتو مال يا زراعت جي مد ۾ مختلف شيون خريد ڪري سگهن. اهڙين سرگرمين سان گرانٽ جي صحيح ۽ پيداواري استعمال جي پڪ ٿئي ٿي ۽ آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ (IGG) وٺندڙن مان ڪيترائي ماڻهو ان لائق بڻجي ويا جو انهن (CIF) جو قرضو ورتو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي غريب کان غريب تر واري صورتحال يعني (0-11 Band) ڪنيل اسڪور واري صورتحال مان آجا ٿي ويندا ۽ هاڻ



هو ان کان هڪ قدم اڳتي ٻئي درجي ۾ شامل ٿي ويندا. انهيءَ صورتحال کي مدِنظر رکندي جيڪب آباد ضلعي ۾ 1361 فائدو حاصل ڪندڙن کي آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ IGG ڏني وئي.



**ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ Community Investment Fund:**

سڀ کان وڏيڪ جيڪو اهم ڪم سرانجام ڏنو ويو اهو هو ڪميونٽي سطح تي هڪ اهڙي فنڊ جو بنياد وجهڻ جنهن سان ان فنڊ جو ڳوٺاڻي سطح تي بار بار استعمال ڪيو وڃي ۽ ان کي ڪميونٽي سطح تي جوڙيل فنڊ Community Investment Fund (CIF) چيو پئي ويو. ڪميونٽي سطح تي جوڙيل فنڊ Community Investment Fund (CIF) جو نظام هلائڻ جي ذميداري هڪ منظم تنظيم جي حوالي هئي ۽ اها تنظيم 18-0 گهراڻن کي وياج کان پاڪ قرض فراهم ڪرڻ جي مجاز هئي. اهو فنڊ مختلف وقتن تي فراهم ڪيو ويندو هو ۽ خاص طرح سان ان جي استعمال کي مانيٽر ڪيو ويندو هو ۽ ان جي استعمال جي رپورٽ حڪومتِ سنڌ کي مهيا ڪئي ويندي هئي. انهيءَ شاندار سرگرميءَ تحت جيڪب آباد ضلعي جي 11427 گهراڻن ڀرپور فائدو حاصل ڪيو.



**هنري تربيتي پروگرام Vocational Training Program (VTP):** يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP ۾ هڪ اهڙو حصو به شامل هو جنهن تحت بيحد ۽ محروم غريب گهراڻن سان وابسط نوجوانن جي چونڊ ڪئي ويندي هئي ۽ انهن کي هنري مهارتن جون تربيتون ڪرايون ويندیون هيون. انهيءَ هنري تربيتي پروگرام تحت جيڪب آباد ضلعي سان وابسط 5811 نوجوانن کي مختلف تربيتون ڪرايون ويون.



**ٽريڊيشنل برٿ اٽينڊنٽ Traditional Birth Attendant (TBA):**

ٽريڊيشنل برٿ اٽينڊنٽ Traditional Birth Attendant (TBA) ڳوٺاڻي سطح تي ڪن به ناگزير حالتن ۾ تمام گهڻو اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن ڇو ته اسانجن ڳوٺن ۾ اوچتي پيدا ٿيل صورتحال جي حوالي سان ڪا به صحت جي سهولت موجود نه آهي. انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ جيڪب آباد ضلعي جي مختلف ڳوٺن مان چونڊ ڪري ڪُل 450 عورتن کي TBA جون تربيتون ڪرايون ويون ته جيئن ڳوٺن اندر موجود ڪميونٽي کي ڪنهن به اوچتي وقت تي هڪ جذبي ۽ ايمانداريءَ تحت خدمت فراهم ڪرائي سگهجي.

**

# مقامي سهڪاري تنظيم جي جوڙجڪ ۽ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ميڊم ناهيد شاهه دراني جي شرڪت

سڏائتي سڀ ڪا، ٻڪ نہ ٻاسي ڪا،
جيهي تيهي ذات جي جنبش ڪانهي جا،
مون سي هلي سا جيءَ مٺو جا نہ ڪري.

الطاف حسين ميراڻي

پروگرام آفيسر MER



سنڌ جي ڪاهوڙي سورمي جنهن پنهنجي جدوجهد، قرباني سان گهر، معاشري ۽ مردن جو مانُ مٿاهون ڪيو آهي تنهن عورت جي ڪيل ڪمن کي مردن جي معاشري ۾ پذيرائي ڪونہ ملي رهي آهي. شاهه جو رسالو "اديون عبداللطيف چئي" عورت سان مخاطب آهي ان جي بهادري جي مجتا طور شاهه عورت جي ڪردار کي واکاڻيو آهي.

سرسو بہ ان ڏگ تي هلندي عورتن کي پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ جتن ڪري رهي آهي. ان ڏس ۾ تاريخ 24/11/2013 تي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن پٽڻي (LSO) جي جوڙجڪ لاءِ هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ يونين ڪائونسل پٽڻي جي 37 ڳوٺاڻين تنظيمن (VOs) جي چونڊيل نمائندن شرڪت ڪئي. هن تقريب ۾ مکيہ مهمان طور سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ميڊم ناهيد شاهه دراني شرڪت ڪئي. ۽ زبير احمد سومرو مئنيجر ايچ.آر.ڊي، حفيظ بوزدار پڻ هن تقريب ۾ شريڪ ٿيا.

هن لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جي پروقار گڏجاڻيءَ ۾ يونين ڪائونسل پٽڻي جي مختلف ڳوٺن مان سرسو پاران ڳوٺاڻي سطح تي تنظيمي سانچي ۾ سموئيل 36 کان وڌيڪ عورتن شامل ٿي تنظيمي جذبي جو ثبوت ڏنو. ميڙاڪي ۾ شامل عورتن ۾ گهڻو جوش جذبو نظر اچي رهيو هيو. انهيءَ موقعي تي ضلعي مئنيجر سرسو ضلع سکر اسد علي جتوئي آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪندي چيو تہ سرسو هن علائقي ۾ غربت جي خاتمي ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ لاءِ عورتن ۾ تنظيم سازي جي بدولت سجاڳي پيدا ڪري رهي آهي ۽ اڄ نهايت خوشي جو ڏينهن آهي جو پري پري جي ڳوٺن مان عورتون هتي اچي گڏ ٿيون آهن آءُ سندن جو ٿورائتو آهيان. عورتن جي هن ميڙاڪي کي خطاب ڪندي مهمان خصوصي ميڊم ناهيد شاهه دراني چيو تہ سرسو بيروزگار مردن ۽ عورتن کي هنري سکيا، مفت انشورنس ڏيڻ ۽ ڪاروبار لاءِ بنا وياج جي (CIF) قرض جي ذريعي عورتن کي ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ مدد فراهم ڪري ٿي، جيڪي آمدني ۽ روزگار جي لاءِ مددگار ثابت ٿئي



ٿو. سرسو جو مقصد ٻه اهو آهي ته ڳوٺاڻين عورتن کي سجاڳ ڪجي ته جيئن اهي پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن، اڪثر ڏٺو ويو آهي ته عورتن لاءِ هنري سکيا جا موقعا تمام گهڻو فائديمند ثابت ٿين ٿا.

هن تنظيمي ميڙاڪي ۾ ڳوٺاڻي تنظيمن جي 36 ميمبرن ووٽ ڏئي يونين ڪائونسل سطح تي تنظيمي ڍانچي (LSO) لاءِ 11 عورتن جي چونڊ ڪئي ۽ چونڊيل عورتن مقامي تنظيم سازي جي مقصد کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ عهد پڻ ڪيو. سڀني ميمبر عورتن اهو چيو ته اسين يونين ڪائونسل سطح تي ڳوٺاڻي تنظيم سازي جي اڳواڻي ڪنديون سين ۽ ايمانداري، عقل ۽ فهم سان ڳوٺاڻن مسئلن جي حل لاءِ جاکوڙ ڪنديون سين. ظاهر آهي انهيءَ سموري عمل ۾ اسان کي سرسو جي سهڪار جي ضرورت پوندي. مقامي سطح تي LSO جي تنظيمي ڍانچي جي جوڙجڪ ۽ اليڪشن ذريعي چونڊيل نمائنده.



| نالو | عهدو |
|---|---|
| زبيده | صدر |
| مهناز | نائب صدر |
| صائم | جنرل سيڪريٽري |
| رخسانه | خزانچي |

بيگم ، عزيزان، جمن، هدايت، ذواليخان، امام زادي کي LSO پڻٽي جي لاءِ ميمبر طور انتخاب ٿيو.

تنظيمي عورتن کي ميڊم ناهيد شاهه دراني سرسو اداري جي طرفان مڪمل تعاون جو يقين ڏاريو ۽ عورتن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ هن نيڪ ڪم ۾ هرممڪن سهڪار جو يقين ڏياريو.

ان ڪان علاوه ميڊم ناهيد شاهه دراني مختلف ضلعن جنهن ۾ ڪنڌڪوٽ ڪشمور، شڪارپور، جيڪب آباد، خيرپور ۽ سکر ضلعن ۾ پڻ عورتن سان گڏجاڻيون ڪندي ڪين چيو ته معاشري جي ترقيءَ ۾ اوهان جو تمام گهڻو ڪردار آهي، جنهن کي ساراهيو، اياريو ۽ منظر عام تي آندو ڪونه ٿو وڃي. هن ترقيءَ جي ڏارا ۾ اوهان جون ڪوششون شامل حال نه هجن ته هوند هي ترقي اڌ پوري رهجي وڃي.



سرسو اوهان عورتن کي هڪ سنهري موقعو فراهم ڪندي VO ۽ LSO جو اهڙو پليٽ فارم فراهم ڪيو آهي، جنهن ۾ اوهين پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪندي معاشري مان مونجهه ۽ اونداهي ختم ڪندي گهرن کي روشن مُنور ڪري سگهو ٿيون. اوهان ۾ قدرت تمام گهڻيون صلاحيتون بخشيون آهن جنهن کي استعمال ڪندي اوهان خوشحال زندگي طرف پاڻ، گهرن وارن ۽ سموري ڳوٺ کي وٺي وڃي سگهو ٿيون.

دنيا ۾ جتي ٻه انقلابي سچ ايريا آهن، اتي عورتن پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀايو آهي. هينئر ته خلا ۾ ٻه عورت پهتي آهي، جهاز ۽ ملڪ هلائڻ ان لاءِ عام ڳالهه ٿي وئي آهي.

اسان جي اداري جي ڪوشش آهي ته اوهان جي صلاحيتن جي ذهني جاڳرتا ڪندي، اياريون ته جيئن ملي جُلي ڪري هنر، فن ۽ مهارتون ترقي ماڻين. ته جيئن گهر گهر ۾ ننڍي انڊسٽري قائم ٿي سگهي ۽ غربت مان نجات حاصل ڪندي خوشحال ۽ جنت جهڙي زندگيءَ ۾ ساهه کڻي سگهون. جيڪو اوهان جي سچي پر عزم ۽ ولوله خيز جدوجهد جي عيوض ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. ان ڏس ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اوهان سان قدم ٻه قدم ملائيندي گڏوگڏ هوندي.

*

# قدرتي وسيلن جي انتظام ڪاري

پاٽيءَ متي جهوپـڙا مـورک اڄ مرن،
سـاهان اوڏو سپريـن، لـوچي تـان نہ لـهن،
دم نہ سڃاڻن دانهون ڪن مٿن جيئن متن

نثار احمد پناڻ



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن غريب ماڻهن جي ذهني جاڳرتا ۽ غربت خلاف ماڻهن کي پاڻ پرو ڪرڻ واري ڪم ۾ ڏينهن رات رڌل آهي. قدرتي وسيلن جي انتظام ڪري وارو شعبو ان ڏس ۾ زراعت ۽ مال مويشي سان واڳيل ماڻهن کي ٽيڪنيڪي ڄاڻ فراهم ڪرڻ ۾ مشغول آهي.

زراعت ۽ مال مويشي سنڌ جي ماڻهن جو اوائلي ۽ صدين کان پيشو رهيو آهي. زراعت ملڪ ۾ ريڙهہ جي هڏيءَ جي حيثيت رکي ٿي. ٻج پاڻ ۽ تيل جي وڌندڙ قيمتن سان گڏوگڏ موسمياتي تبديلين فصلن، ميون ۽ سبزين جي اپت کي ڪاپاري ڌڪ رسايو آهي.

تعليم جي اڻاٺ ٻهراڙي جي ماڻهن کي ترقي يافتہ ملڪن کان ڪٽي ڇڏيو آهي. جديد کيتي واڙي ڪرڻ جا طريقا ۽ وڌيڪ پئداوار حاصل ڪرڻ جي گُرن کان اڻوجهہ واهٽي اڻ واقف آهن. ان ڪري هو موجوده صورتحال جي مقابلي ڪرڻ جي قابل ناهن رهيا تنهنڪري ڏٻڻ ۾ ڏڪبا ٿا رهن.

علم جي اڻاٺ جو وڏو الميو رهيو آهي. جن قومن علم کي اپنايو انهن جي لغت ۾ غربت لفظ آهي ئي ڪونہ، سي علم جي طاقت جي زور تي آسمان ۽ زمين تي حڪمراني ڪري رهيا آهن.

دنيا ۾ جيڪي بہ انسان ۽ جيوت آهن، سندن جياپي لاءِ کائڻ پيئڻ ۽ اوڙهڻ جو واحد ذريعو زراعت ۽ مال مويشي آهي. سٺي صحت رکڻ لاءِ هر انسان کي 24 ڪلاڪن ۾ ٻن کان ٽن ويلن جي ماني کائڻ جي ضرورت پوندي آهي. ۽ اگهاڙي انگن کي ڍڪڻ، سردي گرمي کان بچڻ لاءِ ڪپڙا پهرڻ جي پڻ ضرورت پوندي آهي. نہ تہ ماڻهو دم کي دائم ڪونہ رکي سگهندو. جنگلي جيوت، پکي پکڻ، نور نانگ، مرون، بگهڙ پڻ زراعت تي جيئن ٿا. ان ڪري هن پورهئي کي "عبادت" چوندا آهن. سهڻي سينڌ جيان سڌو وهندڙ سنڌو نندي ۽ ويڪرن ميداني پٽن جي ڪري هي خطو اوائلي وقت کان شاهوڪار رهيو آهي. هتان جي هر جنس ڪپهہ، سٽي، جوئر، ٻاجهري، چانور، گوار، ساوا گاهہ، ڪمند، تماڪ، سبزيون، ڪٽڪ ڏوران ڏور مشهور هيون ۽ هي خطو وڻج واپار جو وڏو مرڪز ڳڻبو هيو. ۽ هاري ناري گرمين توڙي سردين ۾ نانگن توڙي ڪپرن ۾ محنت ۾ مگن هوندا هيا.



ڪَنَ ڪَنَ ڪاپٽ ڪاپڙي - ڪنو ٽياڪن چير،
سدا وهن سامهان - عاشق اتر هير،
ٿَسا ڏيئي تن ڪي - ساڙيائون سرير،
جي فنا ٿيا فقير - هلو تڪيا پسون تن جا.

وقت جي وهڪري سان نہ نهڪندي هتان جي اوائلي ماڻهن ديس پرديس ٿيندڙ تبديلين تي نظر نہ رکي ۽ علم تہ نهيو پر تعليم کان بہ غافل رهيا، نتيجي ۾ دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن جي صف مان نڪرندي دهشت گردي جي ور چڙهيل اونده ۾ رهي رهيا آهن.

**حڪمت عملي:** هاڻ بہ وقت نڪري ڪونہ ويو آهي، اسان منجهان ذميوار زرعي سائنسدانن تي فرض آهي تہ موسم سان نهڪندڙ وڏيڪ پئداوار ڏيندڙ ٻج پئدا ڪيون تہ جيئن هڪ ايڪڙ منجهان 100-200 مڻ پئداوار وٺي سگهون. جيئن ترقي يافتہ ملڪ وٺي رهيا آهن.

* اهڙو علم ۽ جاڳرتا ميڊيا، اخبارن ۽ ٽي وي چينلز ذريعي عوام الناس لاءِ عام ڪيون حڪومت ۽ سياستدانن تي پڻ فرض آهي تہ هو سٺيون زرعي پاليسيون ٺاهين.

1. زرعي قرض بنا وياج ڏنو وڃي.
2. جديد مشينري اڌ قيمت تي ڏني وڃي.
3. ننڍا ننڍا زرعي ڪارخانہ هر تعلقي سطح تي لڳرائي، آبادگارن کان زرعي اپت خريد ڪندي مناسب معاوضو ڏنو وڃي.
4. غير موسمي سبزيون ۽ ٽنيل فارمنگ ڪي ترقي وٺرائڻ گهرجي.
5. واٽرڪورس پڪا ڪرائڻ جو عمل شفاف ۽ يقيني بڻايو وڃي.
6. آبادگارن کي زمين جي سنوت مفت ڪرائي ڏيڻ گهرجي.
7. پاڻي جا ننڍا ننڍا ڊيم ٺهرائي ڏنا وڃن.
8. نيڪاسي آب، مينهن ۽ ٻوڏ جي پاڻي کي رستو ڏياريو وڃي، تہ جيئن جاين ۽ فصلن کي نقصان نہ پهچي.
9. وڏن آبادگارن کي جديد تربيتون حڪومتي سطح تي ڏياريندي ڪين Byproducts ۽ Dehydration plants ۽ ٻين ڪارخانن لڳرائڻ لاءِ پائدار منصوبہ بنديءَ حڪمت عملي کي يقيني بڻايو وڃي تہ جيئن ڀهراڙي جو هر ماڻهو ڪم ۾ رڌل رهندي غربت ختم ڪري ۽ ملڪ جي ترقي جو ڪارڻ بڻجي.

**آبادگارن لاءِ پيغام :** محنت ۾ عظمت آهي، اسان جي وڏن آبادگارن کي ڪردار ادا ڪندي زرعي معاشري کي زرعي صنعتي معاشري ۾ تبديل ڪرڻو پوندو. ان لاءِ ڪين وٽاڻ جي ياڻ ٺاهڻ، گند ڪچري کي ياڻ ۾ تبديل ڪرڻ، چيٽي مان توانائي پئدا ڪرڻ، ڪٽڪ مان ٻج، سوجي بسڪٽ، سيون، ميدا ٺاهڻ جا ڪارخانہ هٽنا پوندا، ڪپهہ مان داڳو، ڪپڙا ۽ ٻارن جي گارمينٽس سٺو منافعو ڏئي سگهي ٿي. ميون مان جوس، ڪنمنڙا، ڪيڪ بسڪيٽ، پيسٽريون، مرغين جا فارم مال مويشي جا فارم، نون نسلن پئدا ڪرڻ جي ٽيڪنالاجي (بريڊنگ) فارم هٽنا پوندا. ملڪ ۽ خطي جي



ترقي لاءِ پهريان کان هاڻي اشد ضرورت آهي تہ اسين سڀ گڏجي سڄي ترقي جي ڏارا جو حصو بڻجون. ذات پات، مذهب، ٻولين جا ويڇا وساريندي ڏينهن رات تعليم کي اپنائيندي اهڙا علم سکون جنهن سان ملڪ ۽ قوم جي تقدير بدلجي پوي.

سـامي کامـي پـريـنـءِ لئہ - ڪُسي ٿيا ڪباب،
جـهـڙو ڏسـن ڏوهہ کـي - تـهـڙو تـن ثـواب،
اوتـيـن آرتـي گاڏيـئـون - منـجـهان اکيـن آب،
سندو ذات جواب - تون کيئن پڇين ٿو تن کي؟

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ان ڏس ۾ جاڳرتا مهم هلائي ٿي. سندس NRM وارو شعبو زرعي ورڪشاپ ڪندي مٿيون پيغام وستين واهڻن جي آبادگار مرد ۽ عورتن کي ڏئي رهيو آهي. انهن جي غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ روز آنا ڏيندڙ مصري مرغيون پڻ ورهايون وڃن ٿيون تہ جيئن سندن ڪٽنب جي کائڻ لاءِ آنا ميسر ٿي سگهن يا وري اُهي ننڍڙو پولٽري فارم هڻن تہ آنن کي آري تي رکي وڏيڪ مرغيون پئدا ڪيون وڃن.



عام غريب عورتن کي گهريلو سطح تي ڪچن گارڊننگ ڪرڻ لاءِ مفت ۾ تربيتون ۽ ٻج پڻ ڏنا وڃن ٿا. هن تماهي ۾ گهر جي اڱڻ تي سبزيون پوکڻ لاءِ 1. Ice burg 2. مرچ، ڪيرا، پالڪ، ڪريلا، مٽر، ڀينڊي، ٽماٽي جا ٻج پڻ ڏنا ويا.

هي محنت طلب ڪم ضرور آهي پر ناممڪن هرگز ڪين آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسين سڀ پنهنجي اندر مان اهڙو پيغام سمجهي جوش جذبي، عزم ۽ ولولي سان ان تي عمل ڪيون تہ پوءِ قدرت وارو مهربان اسان کي ضرور ڪامياب ڪندو. جيڪڏهن اسين علم نہ پرايوسين ۽ ظلم تي قائم رهياسين تہ پوءِ پاڪ ڪلام ۾ آيل آواز پڌرو آهي. جنهن جو ترجمو آهي تہ:
”اسين پاڻ تي ظلم ڪرڻ واري قوم کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندا آهيون“.

**








# سرسو - بروڪ فلاحي پروجيڪٽ

**هي پراجيڪٽ ﻫ قدرتي وسيلن جي انتظام ڪاري واري شعبي سان واڳيل آهي جيڪو 2008 ڪان هلي رهيو آهي.**

نثار احمد




سڀاجهڙي سنڌ ! جتان جي مهمان نوازي، خوشحالي جي هاڪ ۽ خوشبو ولايت ۾ ﻫ مشهور هئي. جتي پرڏيهي انسان کي ماڻهو جي مرتبي جو احساس ۽ واس هتي ايندي هئي. تنهن سنڌ کي نظر لڳي وئي. ماڻهو ماڻهپي مان نڪرندي پنهنجو مان ۽ مرتبو لڃائي وينو، جت نياڻيءَ کي ست قرآن سمجهيو ويندو هيو، پرڏيهي مهمانن جي آدرڀاءُ سڪ خلوص ۽ عزت سان ڪئي ويندي هئي. ان ديس ۾ اڄ اهڙو لقاءُ نظر جي ئي ڪونﻫ ٿو. ماني ٽڪي ﻫ ٺهيو! ڪو ٿڌي پاڻي ۽ ٿڌي ڇانوَ ۾ ويهارڻ لاءِ ﻫ آڇي ڪونﻫ ٿو.

بروڪ هسپتال براءِ حيوانات سرسو جي ڇئن ضلعن ۾ گڏهن، گهوڙن ۽ خچرن تي فلاحي ڪم ڪري رهيو آهي. سرسو جي سهڪار سان هي پراجيڪٽ ڇئن ضلعن ۾ ڪم ڪري ٿو. جتي مذڪوره جانورن کي ڇانوَ ۾ ببهارڻ لاءِ شيڊ ۽ پاڻي پيارڻ لاءِ واٽرٽرف ۽ مفت ۾ سندن علاج ڪرائڻ لاءِ سفري دواخاني جو اهتمام ڪيو ويجي ٿو.

ان ڪم کي ڏسندي سؤ سال پوئتي واري سنڌي سماج ۾ ليئو پائي سگهجي ٿو ۽ ڀهراڙيءَ جا جهونا وري پنهنجين ورسن، ماڳن، تهذيبن جون ساروڻيون ڳائين ٿا. هن پراجيڪٽ تحت جانورن کي زخم ﻧﻪ ٿيڻ، انهن جي بهتر صحت ۽ ڳڳدامن جي حقن بابت جاڳرتا پڻ ڏني وڃي ٿي.



ننڍڙن پتڪڙن ڳلن جهڙن ٻارڙن جي ذهنن ۾ اهڙن جانورن جي حفاظتي اپاءُ وٺڻ، سندن ڪاڏي پيتي جو خيال رکڻ لاءِ جاڳرتا سيشن پڻ ڏنا وڃن ٿا ﻫ جيئن سڀاڻي جا معمار وڏا ٿي جانورن سان گڏوگڏ انساني حقن جي لاءِ ﻫ ڪجهه پاڻ پتوڙيندي ڪو ڪردار ادا ڪري سگهن.

سنج ٺاهيندڙن تي هن پروگرام ۾ مڪمل توجه ڏنو ويندو آهي. انهن جي تربيتن ڪرڻ لاءِ جوڳا بندوبست ۽ رٿابندي ٿيل آهي. ڇوتﻪ 90% زخم غلط سنجن جي رکڻ ڪري ٿين ٿا ۽ ڳڳدام جانور وري عذاب ۾ اچيو وڃن. نال بندن کي پڻ بهتر نموني ۽ جديد طرز جي تربيت ڏني ويندي آهي ۽ انهن کي سنا نال ٺاهيندي اعلىٰ ڪوالٽي وارا ڪوڪا سنڌائتي هنڌن تي پيوست ڪرڻ لاءِ ملتان ڪان ماهر گهرايا ويندا آهن ﻫ جيئن جانورن ۾ سٺي نالبندي ٿي سگهي.

گهوڙن، گڏهن ۽ خچرن ۾ ﻫ ٻين جانورن جيان بيماريون ٿينديون آهن، سندن پيرن جا ننهن وڏا ٿيڻ ڪري هو گهمڻ ڦرڻ ڪان لاچار ٿيو پون. پيٽ ۾ سور، ٽيڪ، سهڪو، زخم، قبضي ۽ ٻيا انيڪ مرض هنن جانورن ۾ ٿيو پون. جنهن جي علاج معالج لاءِ هڪ وٽنري ڊاڪٽر، گشتي دوائن جي گاڏي جيڪا سڀني قسمن جي دوائن ۽ سازسامان سان آراستﻪ هوندي آهي، سا هرروز غريب جانورن جي مالڪن سان لهه وچڙ ڪندي، گڏرگاهن، سبزي مارڪيٽن ۽ گڏز ٽرانسپورٽ تي بيهندي آهي جتي مهيني ۾ 35 هزار روپين جو هر ضلعي ۾ مفت علاج ڪيو ويندو آهي.

# ڪيل ڪم جي وچور جو چارٽ



| نمبر | ڪيل ڪم جو تفصيل | سکر | شڪارپور | لاڙڪاڻو | جيڪب آباد |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | مفت ڪيل علاج | 12050 | 1031 | 11052 | 13001 |
| 2 | وٽرنري سروس ڏيندڙن جون تربيتون | 70 | 40 | 65 | 72 |
| 3 | فالواپ تربيتون | 90 | 85 | 60 | 85 |
| 4 | مرد ۽ عورت ڪارڪنن کي ڏنل ڪِٽون | 42 | 42 | 35 | 45 |
| 5 | ڇپرا / شيڊ | 11 | 11 | 11 | 11 |
| 6 | پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ ٺهرايل ٽب | 30 | 30 | 30 | 30 |
| 7 | اسڪولي شاگردن کي جاڳرتا سيشن | 15 | 15 | 15 | 15 |
| 8 | توسيعي مواد | 502 | 450 | 460 | 535 |
| 9 | تربيتون | 23 | 20 | 25 | 21 |
| 10 | جانورن جو عالمي ڏينهن | 1 | 1 | 1 | 1 |
| 11 | گڏجاڻيون | 9 | 9 | 9 | 9 |
| 12 | ڪيس اسٽڊيز | 6 | 5 | 7 | 5 |
| 13 | ورڪشاپ | 2 | 2 | 2 | 2 |

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي اهڙي ڪم کي ڏسندي، غريب ماڻهن، صاحب اختيار، ڪامورن، سياستدانن تمام گهڻو ساراهيو آهي. هي پروگرام پس پرده هر ڏسندڙ اک کي هڪ ضمير جاڳائيندڙ پيغام پڻ رسائي رهيو آهي ته جتي گهوڙي گڏھ ۽ خچر لاءِ اهڙي نموني جي ديک يال ٿيندي هجي، اتي ڇونه عظيم تر مخلوق "حضرت انسان" تي به ڪم ڪيو وڃي، ڪيس احساس ڏياريو وڃي ته دنيا ۾ ڪربها مخلوق مان تون ئي عظمت وارو آهين ۽ تو ۾ ئي فقط اهڙي صلاحيت سمايل آهي جو هر ناممڪن کي ممڪن ۾ تبديل ڪري سگهين ٿو. پوءِ ڇونه سرسو جي نون ضلعن سان تعلق رکندڙ غريب اياڻا ماڻهو ئي هجن جيڪي پنهنجي بهتر زندگيءَ جا خواب ئي صرف لهن پيا، من ڪو اهڙو انسان پئدا ٿي پوي جيڪو سندن ناسور ۾ ورتل اونداهي زندگيءَ واري ڪُن مان ڪڍندي سندن خوابن کي ساپيان بخشي ۽ اهوئي




سرسو جو مقصد، مول ۽ متن به آهي ۽ ان ڪم جي لاءِ ئي هي ادارو ٺاهيو ويو آهي. شال اسين سيئي ان منزل کي ماڻي سگهون ۽ پنهنجي ضمير کي سرهو پسي سگهون. "آمين"

ڏونـگـر ڏکـويـن کـي تـپـي ڪـنـديـن لـوه،
جي تـون پـاهـڻ پـپ جـو تـه لـگ مـنـهـنـجـا لـوه،
جنهن ڇوري ۾ ڇوه، سا پٽون ٿيندي پير تي.

*

# ڳوٺاڻن سان ڪم ڪيئن ڪجي؟

بخت علي ابڙو



ماڻهن جو هڪ اهڙو گروه ٿيندو آهي جن جون سوچون، جذبا، مذهبي خيال ۽ ڏهاڙا، معاشي ۽ سماجي سرگرميون، ڏک سُک، مرڻا پرڻا، ميلا ملاکڙا، ريتون، رسمون ۽ روايتون لڳ ڀڳ ساڳيون هونديون آهن. مطلب ته ڳوٺاڻن جي هر فرد جي زندگي سان وابسطه هر هڪ شيءِ انهيءَ گروه جي گڏيل مفادن ۽ انهيءَ گروه جي فردن سان سڌي يا اڻسڌي طرح ڳنڍيل يا گڏيل هوندي آهي. سماجي ۽ معاشي مسئلن سان گڏ تعميري ترقيءَ جي سائنس جي ڄاڻ ۽ سوچ سمجهه رکندڙ ماڻهو جنهن جديد دؤر جي تيز رفتار زندگيءَ ۾ ساهه کڻي رهيا آهيون انهيءَ دنيا ۾ اسان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ اڪثر ڪري ڄاڻي واڻي يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪافي اهڙا ڪم ڪندا آهيون جن جو بنيادي تعلق گڏيل سرگرمين سان منسلڪ هوندو آهي. اسان جي ملڪ جو شمار ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ٿئي ٿو جنهن جو مطلب آهي ته اسان انهيءَ سماجي ۽ معاشي نظام جو حصو آهيون جنهن کي اڃان ترقيءَ جي ڪيترين ئي لاهين چاڙهين کي ڏسڻو آهي. ان جي باوجود اسان جون سموريون ڪوششون انهيءَ مَدَ ۾ ڪِجي رهيون آهن ته اسان ڪيئن پنهنجي ملڪ کي ترقي يافته ملڪن جي صفن ۾ بيهاريون. هڪڙي ڳالهه ۾ اسان جو ملڪ سگهارو آهي سا اها ته اسان جي ملڪ ۾ ماڻهن ۽ قدرتي وسيلن جي گهڻائي موجود آهي، جنهن جا ڪوڙ سارا فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن اسان جي ملڪ جو هر هڪ فرد تعليم يافته، علم وارو، باشعور، ڪارائتو، جديد دور جي صلاحيتن سان هم آهنگ ۽ تيز رفتار ٿي پئي ۽ بدلجندڙ دنيا سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي هلي سگهڻ جون صلاحيتون حاصل ڪري، ته پوءِ هن رُوءِ زمين تي ڪا به اهڙي طاقت نه هوندي جيڪا ان جي ترقيءَ آڏو بند ٻڌي سگهي.

اهو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو مَرَڪُ آهي ته هو پنهنجي جوهر ۾ ڏاڍا ملڻا جلڻا، ملنسار، محبتي ۽ گڏجي سڏجي رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو آهن، مثال جي طور تي اسان پنهنجن ڳوٺن يا ڪميونٽيءَ ۾ اهو ڏسندا آهيون ته ماڻهو ڪافي معاملن ۾ هڪٻئي جي مدد ڪندا آهن جيئن ڳوٺن ۾ فصل لهڻ يا سارين جي رونبي ڪرڻ وقت ڳوٺاڻا هڪٻئي جي ٻنيءَ ۾ وانگار وهندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ تي ڪا قدرتي آفت يا مصيبت ايندي آهي ته ڳوٺاڻا هڪٻئي جي دل وجان سان مدد ڪندا آهن. پر جيڪڏهن انهيءَ ڳالهه کي وڏي پيماني تي يا ملڪي سطح تي ڏسجي ته اهڙا ڪوڙ سارا مثال موجود آهن، جن جي ذريعي اسان کي خبر پئي ٿي ته ڪيئن مختلف ڳوٺاڻا گروه مصيبتن يا تباهين جي وقت ۾ بغير ڪنهن مذهبي، نسلي، قومي يا علائقائي فرق جي هڪٻئي جو ساٿ ڏئي ڏکين حالتن کي بهتر طريقي سان ٽاري ڇڏيون.



انهيءَ ڳالهه مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ڪميونٽي پوءِ چاهي اها ملڪي سطح تي هجي يا ڪنهن شهر، ڳوٺ يا علائقي جي سطح تي هجي، جيڪڏهن اها گڏجي ٿي پئي ته پوءِ اها هڪ اهڙي طاقت ۾ تبديل ٿي پئي ٿي جيڪا

رُڪ جي ديوار کي بہ پنهنجي فولادي جذبن سان ڪيرائي سگهي ٿي. ڇو تہ اڪيلو ماڻهو اڪيلو هوندو آهي، پر جڏهن اهو ڪنهن گروه جو حصو ٿيندو آهي تہ ان جي طاقت ۾ ڪنهن فرد جي تصور کان بہ مٿي اضافو ٿي ويندو آهي، اهو اڪيلي مان، سَونِ يا هزارن ۾ تبديل ٿي پوندو آهي. اڪيلو فرد ٻن هٿن، ٻن پيرن، ٻن اکين ۽ هڪ دماغ جو مالڪ هوندو آهي، پر جڏهن هو ڪنهن مضبوط ۽ منظم ڪميونٽيءَ جو حصو بڻبو آهي تہ دراصل هو هزارين هٿن، هزارين پيرن، هزارين اکين ۽ هزارين تخليقي دماغن جو مالڪ ٿي پوندو آهي. انهيءَ ڪري ان ڳالهہ جو ڌيان رکڻ انتهائي ضروري آهي تہ جنهن وقت اسان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڳوٺاڻي سطح تي تنظيمون ناهڻ وڃون ٿا تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ اسان هڪ اهڙي قوت ۽ طاقت وٽ پنهنجو گهڻ طرفو پروگرام کڻي وڃون ٿا جيڪا ناقابلِ تصور ۽ بي بها خوبين جي مالڪ آهي. جيڪڏهن اها اڃ ئي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ منظم آهي تہ پوءِ اسان کي پنهنجي طئہ ڪيل مقصدن جي حاصلات لاءِ ان جي منظم هجڻ جو ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن اها منظم نہ آهي، ڇڙوڇڙ آهي، گڏيل بنيادن تي ڪم ڪرڻ جي عادت ان ڪميونٽيءَ جو حصو نہ آهي تہ پوءِ اسان جي پهرين بنيادي ترجيح اها هجڻ کپي تہ ان ڪميونٽيءَ کي پنهنجي ترقيءَ جي مقصدن جي حاصلات لاءِ منظم ۽ متحد ڪيون. ان سان گڏ اسان کي مختلف سرگرمين جي ذريعي ان ڪميونٽيءَ ۾ انهن احساسن جا ٻج پوکڻا پوندا تہ جيڪڏهن ترقي ڪرڻي آهي تہ انهيءَ ترقيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان ڪميونٽيءَ کي اهو بانور ڪرائڻو پوندو تہ سڀ کان پهرين ٻڌيءَ جي ضرورت آهي، گڏيل طور تي اهڙين سرگرمين جي ضرورت آهي جن سان اسان سماجي ۽ معاشي طور تي سگهارا ٿيون ۽ ٻيو تہ تعليم جي حاصلات کانسواءِ دنيا جي ڪائي بہ قوم اڳتي نہ ٿي وڌي سگهي ۽ ان سان گڏ اهو بہ تہ موجوده دؤر جي تيز رفتار ترقيءَ سان گڏجي هلڻ لاءِ جيڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ کي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ وڌيڪ بهتر ۽ ڪارگر نہ بڻايو تہ پوءِ امڪان غالب آهي تہ اسان هن ڌرتيءَ جي نقشي تان ئي ختم ٿي وڃون ڇو تہ تاريخ گواهہ آهي تہ اهي قومون جن پنهنجو پاڻ کي وقت سان گڏ تبديل نہ ڪيو تن جو ذڪر صرف ڪتابن ۾ ئي ملي ٿو.



تنهنڪري اسان کي ٻهراڙين ۾ موجود سمورين ڪميونٽين کي نہ صرف پنهنجو ڪرڻو پوندو، انهن کي مڇي ڏيڻي ناهي بلڪ مڇي ڦاسائڻ سيکارڻي آهي. پر انهن کي مثبت طريقي سان جديد دؤر جي حالتن سان منهن ڏيڻ لاءِ علم جا گرُ سکڻا پوندا. انهن سمورن ڪمن لاءِ ڪين جذبي تحت ڀرپور وقت پڻ ڏيڻو پوندو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ انهيءَ ڪميونٽيءَ جي مختلف خوبين ۽ خامين کي ڀرپور انداز ۾ اهڙي طريقي سان استعمال ۾ آڻڻو پوندو جو وقت سان گڏ اها ڳالهہ سچ ثابت ٿي پئي تہ تبديلي ڪنهن وڻ جي پڪل ميوي جيان آسمان تان ناهي ڪرندي پر تبديلي فولادي جذبن ۽ هماليہ جبلن جيڏي عَزَم سان ايندي آهي، تبديلي انسان ئي آڻيندا آهن ۽ تبديلي ممڪن آهي.



اسان مان کوڙ سارا ماڻهو اهو سوچيندا آهن ته، اهي ماڻهو جن سان مان کڏهن به ناهيان مليو، نه ئي مان انهن کي سڃاڻان ٿو ۽ نه ئي انهن جو مونسان کو واسطو آهي، سي ڪيئن منهنجو چوڻ ڪندا يا منهنجي ڏنل مشورن تي عمل ڪندا؟؟ اهي ۽ ان جهڙا کوڙ سارا سوال پنهنجي جاءِ تي وڏي بنيادي اهميت رکن ٿا. پر، دنيا جي مختلف تجربن مان اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته عوام هڪ اهڙي ڀرپور طاقت آهي جنهن جي ڪَٽ ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي. مائو زيتُنگ سماجي سائنس جو هڪ تمام وڏو ڄاڻو رهي چڪو آهي ان پنهنجي اڻٿڪ ڪوششن سان آفيمي قوم جي نالي سان سڃاتي ويندڙ چيني قوم ۾ انقلاب آندو، ان ماڻهن کي تبديل ڪرڻ لاءِ بنيادي وَکرُ اهو ٻڌايو ته:



ماڻهن ڏي وڃو
انهن سان پيار سان پيش اچو
انهن سان گَڏ رهو ۽ انهن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو
انهن کان سِکو، انهن کي ئي ڪم ڪرڻ ڏيو
پنهنجي ڄاڻ کي ايئن سلهاڙيو جيئن سندن مسئلن جي وڪالت ٿي وڃي.
هو جتي بيٺل آهن ڪم جي شروعات اتان کان ڪيو
جڏهن اوهان پنهنجو مقصد حاصل ڪندؤ ته، پوءِ ماڻهو اوهان کي چوندا،
اهو سڀ ڪجهه اسان پاڻ گڏجي ڪيو آهي.

سماجي سائنس جي انهيءَ سوچيل سمجهيل پرکيل ۽ اعليٰ فارمولي کي جيڪڏهن اسان جيئن جو تيئن لاڳو ڪيون ته پوءِ اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته مسلسل محنت ۽ تبديليءَ جي جستجو ماڻهن سان پنهنجائپ ۽ انهن جي دردن ۽ ڏکن جو درمان ٿيڻ سان نه صرف ڪنهن ڳوٺ يا علائقي بلڪي قومن جي تقدير به تبديل ڪري سگهجي ٿي. اسان کي ڪرڻو صرف اهو آهي ته اسان سنڌ جي جن به ڀهراڙين وارن علائقن ۾ ڳوناٽي سطح تي ترقيءَ لاءِ مختلف سرگرمين جو ڄار وڇايون ته اتي ڀرپور ڪوشش اها ڪرڻ ڪريون ته ڳوٺن اندر ماڻهن کي نه صرف منظم، متحد، هنري صلاحيتن سان مالامال ۽ معاشي طرح سان پاڻ پرو ڪيون پر گڏوگڏ عورتن کي پڻ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اڳتي آڻڻ ۾ مختلف تخليقي ۽ سماجي سرگرميون ڪيون ۽ پڻ ڪجهه اهڙيون به سرگرميون ڪريون جن جي ذريعي ڳوناٽن کي پاڻ سان سلهاڙي نه صرف ان ڳوٺ پر ان سموري علائقي جي تبديليءَ کي پڻ يقيني بڻايون.

سنڌ جي وستي واهڻن ۾ ترقيءَ جي انهيءَ جهنڊي کي ڦڙڪائڻ لاءِ اسان کي سلهاڙيل ڳوٺن جي هر هڪ فرد کي متحرڪ ڪرڻو پوندو، ڪميونٽي آرگنائيزيشن، ڳوناٽي تنظيم يا يونين ڪاؤنسل سطح تي تنظيمن کي ڳوٺن ۽ سمورن علائقن جي تبديلي جو مرڪز بڻائڻ لاءِ ماڻهن جي گهڻي کان گهڻي شرڪت کي يقيني بڻائڻو پوندو. سماجي طور تي متحرڪ ۽ ڳوٺن کي بهتر ڪرڻ واري عمل ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪرڻ واري فرد جي حيثيت ۾ ترقيءَ جي انهيءَ سفر کي روان دوان رکڻ لاءِ اسان ڳوناٽن کي ترقيءَ جي انهيءَ ڪم ۾ مختلف طريقن سان ڀاڱي ڀائيوار ڪري سگهون ٿا.



مثلاً:

- محلي يا ڳوٺاڻي سطح تي گڏجاڻين جو انتظام ڪرڻ جن ۾ ماڻهن کي سماجي ۽ معاشي ترقيءَ جي اهميت کان واقف ڪرائڻ لاءِ ڳوٺاڻن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ڪميونٽي جي متحرڪ ۽ مثالي رضاڪار فردن کي اجتماعي ڳوٺاڻي ترقيءَ جي سادي ۽ آسان فلسفي کان آگاهه ڪرڻ.
- ترقيءَ جي راهه تي هلندي جن ڳوٺن پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪري ترقي حاصل ڪئي آهي انهن ڳوٺن ۾ انهن ڳوٺاڻن ۽ اتان جي متحرڪ فردن سان اهڙا گڏيل پروگرام منعقد ڪجن جن ۾ مختلف ڳوٺن يا ڪميونٽي جي فردن کي ترقيءَ جي راهه تي هلندي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان حاصل ڪيل ترقيءَ کان آگاهه ڪجي. جڏهن مختلف ڪميونٽين جا فرد منظم ڪيل ڪميونٽيءَ جي فردن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت ترقي ڪندي ڏسندا ته انهيءَ عمل جو اثر انهن تي ۽ انهن جي سوچڻ جي انداز تي انتهائي مثبت انداز سان پوندو.
- ماحولياتي آلودگي سبب پيش ايندڙ خطرن يا وري صحت ۽ تعليم جي اهميت بابت ڏينهن ملهائڻ ۽ انهن ڪمن ۾ ڪميونٽي جي هر فرد جي شموليت کي يقيني بڻائڻ.
- ڳوٺ جي سيني مسئلن جي هڪ لسٽ ٺاهڻ ۽ مؤثر رٿابندي تحت ڳوٺاڻن جي شموليت کي ڳوٺ جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ يقيني بڻائي انهن سمورن مسئلن کي اوليت جي بنياد تي پاڻ ئي حل ڪرڻ ته جيئن ترقيءَ جي حاصلات ۾ ڪي به ڏکيائون پيش نه اچن. ۽ ساک به ٺهندي رهي.
- ڳوٺ جي مڙني ماڻهن سان جڙيل مسئلن جي هڪ لسٽ ٺاهڻ ۽ موجود وسيلن کي مَدِنظر رکندي انهن مسئلن کي اهميت جي حساب سان ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ ڪميونٽي جي فردن سان ملي ڪري ٿورڙي ۽ ڊگهي مدت جي رٿابندي ڪرڻ.
- ترقياتي اسڪيمن، مختلف صلاحيتي تربيتن، زرعي بهتريءَ، قرض ۽ علائقائي ريتن ۽ روايتن کي مدِنظر رکندي هر شعبي ۾ عورتن جي شموليت کي يقيني بڻائي ترقيءَ واري عمل کي تيز کان تيز تر بڻائيندي ذهني جاڳرتا ۽ بيداري پيدا ڪرڻ.

انهيءَ کان علاوه اوهان ٻيا به ڪيترائي ڪارگر طريقا وقت ۽ حالتن جي مطابقت کي نظر ۾ رکي استعمال ڪري سگهو ٿا، ڇو ته جنهن وقت اوهان ڪميونٽي جو حصو بڻجي انهن جي مختلف مسئلن کي حل ڪرڻ جو عظم ڪندؤ ته حالتون توهان جي حمايت ۾ پاڻ ئي حصو ونديون ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن اوهان پنهنجين ننڍڙين ننڍڙين ڪاميابين جي بنياد تي وڏيون وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪندؤ ته پوءِ اوهان کي ان ڳالهه جو احساس ٿيندو ته "اوهان جون لڪيل صلاحيتون ڪيتريون نه ڪارآمد آهن، سنڌ جي ڀهراڙين ۾ علم، عقل، سماجي ڀلائيءَ، ترقيءَ ۽ تبديليءَ جو جيڪو مانداڻ متو آهي تنهن ۾ اوهان جو بنيادي حصو پڻ به شامل آهي." يقين ڄاڻو ان وقت اهو احساس اوهان جي زندگيءَ جو انتهائي خوشگوار احساس هوندو.

جڏهن اسان اڪيلا هوندا آهيون ته اسان صرف ڳالهائيندا آهيون، پر جڏهن اسان گهڻن ماڻهن سان گڏ هوندا آهيون ته اسان رڙيون ڪري سگهندا آهيون ۽ اسان جو آواز پڙاڏا بڻجي گونجدو آهي، جڏهن اسان اڪيلا هوندا آهيون ته اسان صرف مسڪرائيندا آهيون پر جڏهن اسان ڪوڙ سارا هوندا آهيون ته اسان زوردار ٽهڪ ڏيئي سگهندا آهيون، اسان اڪيلا هوندا آهيون ته اسان مختلف خوشين مان مزو ته وٺي سگهندا آهيون، پر جڏهن اسان ڪوڙ سارا هوندا آهيون ته جشن ملهائيندا آهيون ۽ جڏهن اسان اڪيلا هوندا آهيون ته هڪ بُندُ به اسان جي ڪٽڻ کان ڳرو هوندو آهي پر جڏهن اسان ڪوڙ سارا هوندا آهيون ته اسان پهاڙن جا سينا به آسانيءَ سان چيري سگهندا آهيون. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان ٻڌيءَ جي خوبصورتيءَ کي سمجهون انهي مالها ۾ مڙهجي ناسور سٽيل، اونداهي معاشري کي روشن ۽ منور ڪندي پنهنجو لاثاني ڪردار ادا ڪيون ته جڳ جي جيوت کي جيئري جنت جو جهلڪو نظر اچي سگهي.

# گهريلو سطح تي سبزين جي پوکائي

سليم چنه

جسم جي بهتر نشونما، جوڙجڪ ۽ اوسر لاءِ غذا جي تمام گهڻي اهميت آهي. عام صحتمند انسان کي بدن جي واڌ ويجهه لاءِ جيڪي خوراکي عنصر گهربل هوندا آهن، انهن ۾ وٽامنز، پروٽين، نمڪ، فاسفورس، پوٽاس، فولاد، زنڪ، نشاستو، ڪيلشيم، مئگنيشم، لمحيات، کنڊ وغيره وغيره درڪار هوندا آهن. جيڪي انسان پنهنجي روز مره جي متوازن خوراڪ مان ئي حاصل ڪندو آهي. هڪ صحتمند انسان پنهنجي تندرستي کي بهتر غذا سان ئي برقرار رکي سگهي ٿو. گهڻي ڀاڱي خوراڪ حاصل ڪرڻ جو ذريعو سبزيون ئي رهيون آهن. جنهن جي ذريعي بدن ۾ بيمارين خلاف قوت مدافعت، سونهن ساڀيان ۽ رتوبت برقرار رکجي ٿي. ايامن کان اهو سلسلو هلندو ٿو اچي، اوائلي انسان پنهنجي غذا نباتات جمادات مان حاصل ڪندو رهيو آهي. جنهن جي ڪري سندس بدن تي مثبت اثر پوندا رهيا ۽ پراڻن ماڻهن جون وڏيون عمريون شمار ٿينديون رهيون.

آبادي جي وڌندڙ دٻاءُ ۽ قدرتي آفتن جي ڪري زراعت ۽ مال مويشيءَ کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي جنهن سان کاڌ خوراڪ جون شيون اڻ لڀ ٿيڻ سبب سندن قيمتن ۾ نمايان اضافو ٿيندو رهيو جيڪو عام ماڻهو جي برداشت کان ٻاهر آهي. ان ٻرندڙ ۽ ريڙهه جي هڏي جهڙي حيثيت رکندڙ مسئلي کي منهن ڏيڻ جو واحد حل گهريلو سطح تي سبزيون پوکڻ ۾ پوشيده آهي. هر گهر ۾ اهڙو حصو ضرور خالي هوندو آهي جتي انسان ڪجهه نه ڪجهه پوکي سگهي ٿو.

**گهريلو سطح تي پوکڻ لاءِ سبزين جو چارٽ**

سردين ۾:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| بصر | گوگڙون | پالڪ | ونگو | ڪيرو | چقندر |
| ٿوم | گجر | موري | ڪريلو | توري | گوبي |
| هرہو | پلي | ساڳ | داليون | مٽر | ٽماٽا. |
| بند گوبي | فودنو | | | | |

گرمين ۾:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مرچ | واڱڻ | ڪدو | توري | خربوز | ميها |
| ڏاٽا | هيڊ | تربوز | ونگا | ونگيون | ادرڪ |
| حلوه ڪدو | پيندي | ٽماٽو | مارو | چانهون | |

مٿيون سبزيون غير موسمي طور تي پوکجن ته انهن کي ٻه مهينا ڪن اڳاٽو پوکيو ويندو آهي. جنهن جي ڪري وڌيڪ منافعو ۽ جهجهو ناڻو ملي سگهي ٿو. انهن سبزين کي گهريلو سطح تي پوکڻ سان گهر جي ماهانه بجٽ تان بار هٽائيندي، هر وقت تازيون سبزيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. جيڪي ڪيميائي اثرات ۽ زهر جي آلودگي کان پاڪ ۽ متوازن غذا لاءِ بهترين آهن. اهڙين سبزين کي سڪائي پڻ آرهڙ جي موسم ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو، ۽ ساڳين ٻوٽن جي صحيح سارسنڀال لهندي ٻوٽن کي 12 مهينا هلائي، ڀتين، لڪڙن يا مَنهن تي ٽنگي يا لڙڪائيندي وڌائي سگهجي ٿو. سبزين جي اهميت کي مدنظر رکندي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ”ڪچن گارڊننگ“ گهريلو سطح تي سبزين جي پوکڻ جو طريقو رائج ڪرايو آهي.جيڪو سکر، گهوٽڪي ۽ خيرپور ۾ رائج عمل آهي. ان ٽيڪنالاجي کي عام ڪرڻ لاءِ غريب ڳوٺاڻين عورتن ۾ سبزين جا مفت ٻج فراهم ڪندي ڪين، ڪاشتڪاري بابت تربيتون پڻ ڏنيون وڃن ٿيون. اهڙي نت نئين طريقي سان عورتن کي ٻه فاعدا مليا آهن، 1. سندن آمدني ۾ اضافو ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته هو روزانو سؤ ڪن جون سبزيون وڪڻندي پنهنجو هٿ پين آڌو ڪونه ٽنگين ٿيون. 2. هر وقت گهر ڀاتين جي، استعمال لاءِ ڀاڄيون دستياب آهن. اوڙي پاڙي وارا اويل سويل اهڙين عورتن آڏو ايلاز ڪندا آهن، ته اسان کي ٻه سبزيون ڏيو. سبزين جي ڪاشت جو اهڙي نسخي کي جيڪڏهن هر گهر رکندڙ اپنائي ته هوند هرهڪ کي سستيون ڀاڄيون ميسر ٿي سگهن. عام ڀاڄين جي قيمت ۾ ٻه گهٽتائي ٿيو پوي ۽ زهر کان پاڪ صحت لاءِ بهترين ڀاڄيون عام جام نظر اچن. اهو پڻ آمدني ۾ اضافي سان گڏوگڏ سٺو مشغلو ٻه ٿي سگهي ٿو جنهن سان گهر ۾ رهندڙ گهر ڏٽي، پوڙها ۽ ٻالڪ پڻ شوق سان اتم ڪيتي ۽ وڌندڙ واپار واري مامري طرف وک وجهي سگهن ٿا.

# سنڌ جون ٻهراڙيون



نويد اسحاق ميمڻ

شهرن جي ڀيٽ ۾ ٻهراڙين ۾ زندگي گذارڻ جون سهولتون گھٽ ميسر هونديون آهن. سنڌ صوبو انهيءَ حوالي سان ساڳي صورتحال جو شڪار آهي. ماڻهو غربت جي لڪير کان به هيٺ واري زندگي گذاري رهيا آهن. زندگيءَ جون بنيادي سهولتون به ماڻهن کي مُيسر نه آهن. بُکَ، بدحالي، جهيڙا تڪرار، بيروزگاري اسان جي ٻهراڙين جو تعارف بڻجي چڪيون آهن. تعليمي نظام جا حالَ پورا آهن. اسڪول ناڪافي آهن، جي آهن ته انهن جي حالت زار آهي، ڪٿي اسڪول بند پيا آهن، استاد موجود ڪونه آهن، ڪٿي استاد آهن ته شاگرد لين ئي ڪونه ٿا، گوسڙو استاد تعليم جو ٻيڙو ٻوڙڻ جي ڪرت ۾ سرگرم آهن. ٻي طرف صحت جي شعبي ۾ به حالت ابتر آهي. صحت جون بنيادي سهولتون ماڻهن کي ميسر نه آهن. ماڻهن جي پهچ مٿي جي سُورَ ۽ بخار جي گوريءَ تائين به ناهي. اسپتالون آهن ته دوائون اڻلڀ آهن. دوائون آهن ته ڊاڪٽر ڪونهي. شهرن تائين پهچندي پهچندي ماڻهو پنهنجيون حياتيون وڃائي ويهن ٿا. ڳوُرهاريون عورتون ويم دوران حياتيءَ تان هَٿُ کڻيو ويهن ٿيون. ٻارن ۾ بيماري ۽ موت جي شرح وڌندي وڃي ٿي. ساڳي ئي وقت اسان جا نوجوان بيروزگاريءَ جي چَڪيءَ ۾ پيسجندا رهن ٿا. جيئن تيئن ڪري مئٽرڪ، انٽر يا بي.اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ نوجوان ماستري، پٽيوالي ۽ چوڪيداريءَ جي سرڪاري نوڪري لاءِ واجهائيندا وتن ٿا، نتيجي ۾ نه ته هُو نوڪري حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ نه معاشي طرح پاڻ پرا تي ٿا سگهن. ايئن سندن عُمر جا قيمتي سال ضايع ٿي وڃن ٿا ۽ هُو نتيجي ۾ فراريت جو رستو اختيار ڪندي نشي پَتي تي لهيو اچن.

جيڪڏهن اسان کي انهن مڙني مسئلن جي ڏِهڻ مان نڪري، ڪو سُهڻو رستو اختيار ڪرڻو آهي ته، اسان کي سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو ۽ ڪا مناسب ڪا حڪمت عملي جوڙي، تعليم جي ابتر حالت کي سڌارڻ لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. اسان کي اجتمائي طرح اِن ڳالهه کي يقيني بنائڻو پوندو ته اسان مان هرهڪ جو پنهنجو ٻار اسڪول ۾ باقاعدگيءَ سان وڃي. اسان کي پنهنجي اسڪولن کي پنهنجو ڪرڻو پوندو. پنهنجو پاڻ ۾ انهن اسڪولن جي مالڪيءُ جو احساس پيدا ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اسڪول ۾ استاد نه ٿو اچي ته اسان کي پاڻ ان کان پُڇا ڪرڻي پوندي ”اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽيون“ انهيءَ سلسلي ۾ تمام بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. اسان کي



پنهنجي پنهنجي اسڪول جي (ايس.ايم.سيز) کي فعال ڪرڻو پوندو. ڳوٺ جي نيڪ مردن ۽ سرڪاري عملدارن

سان لهہ وچڙ ۾ اچڻو پوندو. ڪو شڪ ناهي تہ اسان جي ٿوري دلچسپيءَ ۽ وقت ڏيڻ سان اسان جا برباد ٿيل اسڪول ٻيهر آباد ٿي وڃن ۽ اسان جي ٻارڙن جو مستقبل اوندهيءَ کان بچي وڃي.

اها تہ هُئي اسڪول جي ڳالهہ پَر اسان مان هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ۽ شهر جي هر شيءَ جي مالڪي ڪرڻ گهرجي. اسان جا روڊ رستا، ناليون، واٽر ڪورس، بجليءَ جا ٿنڀا، ٽرانسفارمر. اِهي سڀ شيون اسان سڀني جون ملڪيتون آهن، انهن جي تعمير ۾ اسان کان اوڳاڙيل ٽيڪسن جو پئسو لڳي ٿو تہ پوءِ ڇونہ اسان انهن جي مالڪي ۽ حفاظت ڪريون ۽ انهن کي ٽٽڻ ڪي ٿيڻ کان بچايون.

اسان مان گهڻن ماڻهن پنهنجي اسپتال جي ڊاڪٽر کان پڇيو آهي تہ هو وقت تي ڊيوٽي تي ڇونہ ٿو اچي؟ دوائون ڪيتريون موجود آهن؟ ۽ ڪيتريون خرچ ٿيون آهن؟ انهن ڳالهين جو اسان جي باشعور فردن کي ضرور احساس هئڻ گهرجي.

جيستائين تعلق آهي بيروزگاريءَ جو تہ سڀ کان پهريائين ان ڳالهہ تي ويچارن گهرجي تہ اسان صرف ۽ صرف سرڪاري نوڪريءَ کي ئي روزگار ڇوٽا سمجهون. ڪنهن ننڍي معمولي ۽ مخصوص معاوضي واري نوڪريءَ جي آسري ۾ پنهنجي عمر جا قيمتي سال ڳارينڊڙ نوجوانن کي، نوڪريءَ بجاءِ ڪو ننڍو وڏو روزگار يا ڪاروبار اختيار ڪري پنهنجي خاندان کي معاشي طرح پاڻ ڀرو ڪرڻ گهُرجي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ننڍا ننڍا قرض ڏئي ٿو، انهن قرضن کي حاصل ڪري نوجوان ننڍي کان ننڍو ڪاروبار شروع ڪري معاشي استحڪام ۽ پاڻيرائپ طرف قدم وڌائي سگهن ٿا.



اسان جون ٻهراڙيون جن جن مسئلن ۽ مونجهارن کي مُنهن ڏئي رهيون آهن. انهن مسئلن مان نڪرڻ لاءِ هِڪ منظم رٿابنديءَ جي ضرورت آهي. جنهن رٿابنديءَ تي عمل پيرا ٿي اسان سڀُ گڏجي هِڪَ خوشحال مستقبل ڏانهن وک وڌائي سگهون ٿا. ضرورت صرف صادق جذبي ۽ ان تحت عمل پيرا ٿيڻ جي آهي. ڪوئي شڪ ناهي تہ غربت جي ڌُٻڻ ۾ ڦاٿل اسان جو سماج ۽ خاص ڪري اسان جي ٻهراڙيءَ وارا علائقا ترقيءَ جي راهَہ تي گامزن ٿي وڃن.

انهيءَ پيغام کي پهچائڻ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن تنظيم سازي جو عمل ڪندي آهي تہ جيئن ٻهراڙين جي غريب ماڻهن جي ذهني اُوسر ٿي سگهي، ۽ هُو پنهنجا مسئلا سجاڻي انهن کي پاڻ ئي حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪن. تنظيم جا ماڻهو پهريان پاڻ عملي ڪم ذريعي ساک ڏاهين، ڀاڙي کي روشن منور ڪندي، ڳوٺ جي وارثي ڪن. ائين ڏيئي مان لاٽ ٻرندي گهر، پاڙا، ڳوٺ ۽ شهر سڀئي سهڻا ٿيندا. اهڙي عظيم جدوجهد لاءِ ڇٽنگ پاڻ کي ٻارٽي آهي، ۽ پاڻ ۾ جذبہ ڪامليت پيدا ڪندي جڳ کي روشن منور ڪري سگهجي ٿو. اهڙي عظيم مقصد جا حاصلات لاءِ ساٿين جو ساٿ ضرور شامل حال رهندو.

تون ساٿي آءُ ساٿ تہ ڏي، هي ڏونگر ڏوري هلڻو آ.
هن دوزخ جهڙي دنيا کي، بهشت بنائي ڇڏڻو آ.

**



# بزرگن جي مدد وارو پراجيڪٽ

جهونا ٿيا جهاز - سٽ نہ جهلين سڙهہ جي

ڊاڪٽر منصور علي

هڪ اندازي مطابق دنيا ۾ بزرگ ماڻهن جي آبادي 11.22% آهي، جيڪا 2050ع تائين 22% ٿي ويندي. ٻين لفظن ۾ عمر رسيده (60 سالن کان وڌيڪ عمر) ماڻهن جو تعداد 605 ملين کان وڌي ڪري تقريباً 2 ارب ٿي ويندو. انساني همدردي واري امداد جي هڪ فيصد کان بہ گهٽ حصو انهن جي ضرورتن جو پورائو ڪري ٿو.

پاڪستان ۾ تقريباً 11.69 ملين عمر رسيده ماڻهو پنهنجي زندگي گذارين پيا. ۽ 2050ع تائين بزرگ ماڻهن جو تعداد وڌي ڪري 433 ملين ٿي ويندو جيڪو پاڪستان جي ڪل آبادي جو 15% آهي. سنڌ جي ڪل آبادي جو 33% غربت جي لڪير کان بہ هيٺ زندگي گذري رهيو آهي. وڌندڙ غربت معاشري جي ٻين فردن سان گڏ بزرگ ماڻهن لاءِ بہ وڏو چئلينج آهي.

سرسو هيلپ ايج هن وقت اتر سنڌ جي ٻن پنتي پيل ضلعن جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ بزرگ ماڻهن لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. موسم جي لحاظ کان ٻئي ضلعا گرم ليکيا وڃن ٿا. ۽ هتي جي ماڻهن جو گذرسفر ڪيتي واڙي (زراعت) ۽ چوپائي مال تي آهي. مکيہ فصلن ۾ ساريون ۽ ڪڻڪ اُپايا وڃن ٿا. پر زرعي معلومات گهٽ هجڻ ڪري زراعت مان گهربل لاڀ حاصل ڪري نہ ٿو سگهجي.

ٻئي ضلعا اڪثر ڪري موسمي بارشن ۽ ٻوڏ جي لپيٽ ۾ اچي وڃن ٿا. اهوئي سبب آهي جو سال 2010، 2011 ۽ 2012 وارين ٻوڏن وڏي پئماني تي هنن ضلعن ۾ تباهي آندي. جنهن جا اثر ايندڙ ڪيترن ئي سالن تائين ظاهر رهندا. دريائي وهڪرن ۽ بارشن ۾ فصل، گهر، روڊ رستا ۽ چوپايو مال بُري طرح متاثر ٿيا ۽ انساني زندگي مفلوج ٿي وئي.

ٻوڏ جي نتيجي ۾ آيل تباهڪارين، جتي آبادي جي سمورن حصن کي متاثر ڪيو، اتي بزرگن ۽ معذور ماڻهن کي بہ تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي ۽ انهن جي اهنجن ۽ تڪليفن ۾ اضافو آڻي ڇڏيو آهي. عمر جي ان آخري حصي ۾ اسان جا بزرگ پنهنجي زندگيءَ جي بقا لاءِ وڙهندي گذارين ٿا. هرقدم تي نااميدي ۽ زندگيءَ جون تلخيون گهيرو ڪري وڃن ٿيون. جيڪڏهن اها عمر ڪاميابيءَ سان گذري وڃي تہ هوند انسان ڪيڏي نہ خوش نصيبي محسوس ڪندو.



سينيئر شهرين جي ڀلائيءَ جو بل 2007ع کان وٺي پارليامينٽ ۾ زير التوا آهي. جنهن کي اسيمبليءَ مان پاس ڪرائڻ هڪ وڏي ڪاميابي هوندي، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اهڙو بل پارليامينٽ مان جلد از جلد پاس ڪرايو وڃي. بزرگن جي تيزيءَ سان ايندڙ واڌ کي مدنظر رکندي سرسو باقاعده منصوبي ۽ حڪمت عملي تحت انهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪم ڪري رهيو آهي.

سرسو هيلپ ايج پراجيڪٽ تحت جيڪب آباد ۽ شڪارپور ضلعن ۾ هن وقت تائين 51 گروپ سوشل ويلفيئر ۾ رجسٽرڊ ڪرائي، تنظيمن ۾ 2 ڪروڙ چار لک روپيا ڪميونٽي روالونگ فنڊ (C.R.F) طور ڏنا ويا آهن. تنظيم ۾

شامل في بزرگ کي 10 کان 15 هزار ڏنا وڃن ٿا. ان کان علاوه 1105 ماڻهن ۾ مرغيون پڻ فراهم ڪيون ويون آهن.



## ڪميونٽي رِوالونگ فنڊ (C.R.F) فائدو حاصل ڪندڙ

| ضلعو | فائدو حاصل ڪندڙن جي قسم | | |
|---|---|---|---|
| | مرد | عورتون | ٽوٽل |
| شڪارپور | 586 | 511 | 1,097 |
| جيڪب آباد | 838 | 591 | 1,429 |
| ٽوٽل | **1,424 (56.45%)** | **1,102 (43.62%)** | **2,526** |

## اکين جي حفاظت (2010 کان 2013ع تائين)

| نمبر | اکين جي سارسنڀال | سال | سنڌ ۾ ڪاميابي |
|---|---|---|---|
| 1 | نظر جون ٽيسٽون | 2011 | 3,000 |
| | | 2012 | 12,600 |
| ٽوٽل | | | **15,600** |
| 2 | اکين جي بيمارين جون دوائون | 2011 | 1200 |
| | | 2012 | 4800 |
| ٽوٽل | | | **6,000** |
| 3 | نظر جا چشما | 2011 | 1100 |
| | | 2012 | 3673 |
| | ٽوٽل | | **4,773** |
| 4 | آپريشن | 2011 | 300 |
| | | 2012 | 1200 |
| ٽوٽل | | | **1,500** |
| | ڪيل ڪل خدمتون | | **27,873** |

## ڪمزور ماڻهن جي مدد لاءِ ورهايل سامان

| ضلعا | گهمندڙ ڪرسيون | گهمڻ لاءِ لٺيون | بيساکيون | ٻڌڻ واريون لٺيون | ليٽرين واريون ڪرسيون | گهمڻ لاءِ فريم | پڻڊ واريون مشينون | نابينن جون لٺيون | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| شڪارپور | 726 | 728 | 216 | 63 | 370 | 127 | 495 | 12 | 2737 |
| جيڪب آباد | 613 | 453 | 182 | 59 | 483 | 111 | 290 | 8 | 2199 |
| ٽوٽل | **1339** | **1181** | **398** | **122** | **853** | **238** | **785** | **20** | **4936** |







# انڊيا ۾ ست روزه ”دستڪاري ميلو“

ويني وَرَ پون - ستي ملي نہ سپرين.

ثمينہ برڪت علي




آسمان جا هلڪا ۽ گهرا رنگ، انڌلني ڇهرا رنگ، باغن ۾ پريل هزارين گُلڙن جا رنگ، دريا جي ڪپ ڪان وٺي صحرا جي تتل واريءَ جا رنگ، ڍنڍن، ندين، چشمن ۽ سمنڊن ۾ ڇوليون هڻندڙ ڇهري، مٺي، ٿڌي، ڪوسي پاڻيءَ جا رنگ؛ خالق ڪائنات جي حسين مُصوريءَ جي واڪا ڪندڙ گواهي آهن. هر موسم ۾ پيدا ٿيندڙ ميون، گلن ۽ اناجن جا قسمين قسمين رنگ ۽ ذائقا انسان ذات لاءِ هڪ وسيع و جميل علم ۽ ڄاڻ جو محور رهيا آهن. خود انسان خالق ڪائنات جي هڪ اعليٰ ۽ حسين تخليق آهي. انسان کي رب العزت اشرف المخلوقات ڪري پيدا ڪيو تمام مخلوقات کان تہ جيئن مالڪ جي پيدا ڪيل نعمتن مان فائدو وٺن ۽ شڪر ادا ڪن.

در حقيقت انسان ۽ ٻين مخلوقات ۾ هڪ اهم ۽ واضع فرق آهي. ”دماغ / شعور يا سمجهہ جو“ عقل ۽ اختياري صلاحيتن ڪري انسان باقي مخلوق کان اعليٰ درجو رکي ٿو. انهيءَ عقل ۽ شعور جي ”اک“ سان انسان خواب ڏسندو آهي ۽ انهن خواب کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو آهي پوءِ پل اهو خواب سندس روزي ڪمائڻ جو هجي، وطن سان محبت جو هجي يا وري تخليق سازيءَ جو ڇونہ هجي. انسان انهيءَ لوڙ ۾ لوڙڻ لاءِ جهُرندو رهي ٿو تہ جيئن پنهنجي منزل ماڻي سگهي.

باشعور ماڻهو هميشہ زندگيءَ ۾ پنهنجا اهم مقصد طئہ ڪندا آهن ۽ پوءِ انهن جي حاصلات لاءِ ڏينهن رات محنت ڪندا رهندا آهن ۽ نيٺ ڪين ڪاميابيءَ واري ڪُنجي مليو وڃي ۽ سندن خواب ساڀيان ٿيو پون.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ننڍي ڪاروبارڪي هٿي وٺرائڻ واري شعبي جي هيٺ پاڪستان پاورٽي ايليويئشن فنڊ (پي.پي.اي.ايف) جي سهڪار سان 21 آگسٽ 2013ع تي ٻن Artisans ڪاريگر عورتن شاهده ۽ ناز گل جي پاڙيسري ملڪ انڊيا ۾ منعقد ٿيندڙ هنري ميلي ۾ شرڪت لاءِ چونڊ ٿي.

هي ست روزه ”دستڪاري ميلو“ 24-30 سيپٽمبر 2013ع تي انڊيا جي شهر دهلي ۾ منعقد ڪيو ويو. هن ميلي ۾ پاڪستان ۽ انڊيا جي باصلاحيت هنرمندن پنهنجا اسٽال لڳايا، هن دستڪاري ميلي ۾ هٿ جي هنر ۽ ڪاريگريءَ سان سجايل شيون ۽ اڇرج ۾ وجهندڙ حسين فن پاره نمائش هيٺ رکيا ويا.



سرسو پاران سنڌ جي ضلعي سکر، شڪارپور، ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد، خيرپور ۽ گهوٽڪي جي چونڊ هٿ جي هنرن ۽ ڪاريگريءَ کي پرڏيهہ ۾ پلو مَانُ ۽ قيمتي ملهہ لهڻ لاءِ نمائش ۾ رکيو ويو. پاڪستان پاورٽي ايليويئشن فنڊ (پي.پي.اي.ايف) پاران اسد امان جي اڳواڻي هيٺ سترنهن هنرمندن (مردن ۽ عورتن) انڊيا جي هنري

نمائشي پروگرام ۾ شرڪت ڪئي. هنري نمائشي ميلي جو مقصد ٻنهي ملڪن ۾ ٿيندڙ هنرن ڪي متعارف ڪرائڻ ۽ گڏوگڏ ملڪي صنعت ڪاريءَ ڪي فروغ ڏيڻ هيو. پر اهم ۽ وڏو مقصد هي ٻه هيو ته ”ڪاريگر“ يا خود ”هنرمندن“ ڪي منظر عام تي آڻجي ته جيئن ڪين پنهنجي ڻاهيل فن پارن متعلق قدر قيمت، رايا ۽ واپاري ڏي وٺ جي خبر پئجي سگهجي.



سرسو ۽ پي.پي.اي.ايف پاران گڏيل ڀهرين اڳيري وِڪَ وڌائي وئي جنهن جو اهم مقصد پٺتي پيل علائقن جي عورتن جي هٿ جي هنر ڪي مڃتا سان گڏوگڏ ملڪي صنعت ڪاريءَ جي فهرست ۾ شامل ڪرڻ آهي. اڻ پڙهيل يا گهٽ پڙهيل عورتن لاءِ ڪاروباري تعليم ۽ تجرباتي بنيادن تي ٻڌل هن ڪاوش سان بيشڪ هڪ واضع ۽ بهترين فائدي وارو موقعو فراهم ڪيو آهي.

سنڌ جون عورتون جيڪي ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجي حياتي جي اڌ ڪان وڌيڪ عمر هن ڪم ۾ ۽ هنر جي رنگن جي سينگار ۾ گهاريو ڇڏين ٿيون. هن نمائشي پروگرام انهن عورتن جي نُنڍپڻ جي ارپنا، جوانيءَ جي جوت، نور ۽ پوڙهائپ جي سهڪار لاءِ ”ڀيٽا“ آهي ته جيئن نون جنم وٺندڙ روحن ۾ ٻه اهي رنگ چٽجن ۽ هميشه واضع انداز ۾ قائم دائم رهن ۽ سنڌ سونهاري جي سُون جهڙي مِٽي هر هنڌ مَانُ لهي.

هو جي ڪن ڪپارجا - سوڌو سي نه سٽين،
انــدر جي آهيـن - سـٽو سـنيـهو اُن سين.

سهڪاري انتظام هيٺ هن نمائشي پروگرام ۾ سَوين اسٽال سجايا ويا ۽ هزارين ماڻهن هن نمائشي ميلي ڪي پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ تمام گهڻو پسند ڪيو. ڀلا پاڪستاني هٿ جي هنري ۽ ثقافتي رنگن ڪان ڪير ڀيو منهن موڙي سگهي. مطلب ته هن ميلي ۾ پاڪستان پاران لڳايل اسٽالن تي تمام گهڻي رش لڳل رهي. اتان جا ماڻهن 1947ع واري پاڪستان جي نقاش ڪاريءَ ۽ رنگن ڪي سارڻ لڳا. ڪجهه ماڻهن ته شهرن، چونڪن ۽ دريائن جا نالا وٺي پڇي پنهنجي پاڪستان سان محنت جو اظهار ڪيو ته ڪن وري جهجهي مقدار ۾ هنري فن پاره خريد ڪري پراڻيون يادون تازيون ڪيون ۽ پنهنجون محبتون ونڊيون. ائين ڪٿي چئجي ته ”انڊيا جي شهر دِهلي ۾ پاڪستان جي رنگن جا دُهل وڄي ويا“




ڀهريون ڀيرو پرڏيهه ريل ذريعي سفر ڪندڙ هنن ٻن هنرمند عورتن شاهده ۽ ناز گل جن جو تعلق ضلعي سکر ۽ خيرپو سان آهي پنهنجا ويچار ڪجهه هن طرح ونڊيا:

”ريل جو سفر ٿڪائيندڙ ضرور هيو، پر اتي پهچڻ ڪانپوءِ اسان ڪي تمام گهڻو قرب مليو ماڻهن تمام سٺي عزت ڪئي. ۽ پوءِ لڳو ته پاڪستان ڪان انڊيا وڃڻ لاءِ ڄڻ ته گهر جي هڪ دروازي ڪان ٻئي دروازي تائين پيادل هلي وڃڻ جيترو سفر آهي.



اسان کي واڳها باربر تان گذرڻ مهل اهو احساس ٿيو ته ڄڻ مالڪ جي ڏرتيءَ کي پتيون ڏئي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هجي. بحرحال انڊيا پهچڻ کانپوءِ جڏهن نمائشي ميلي ۾ اسٽال لڳايا ته اسان کي احساس ٿيو محسوس ڪيو ته اسان کي پنهنجي ثقافتي هنرن جي ايتري قدر ۽ انهن سان ايتري محبت ناهي جيتري پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين ۽ پرڏيهي ماڻهن کي آهي. اسان جي اسٽال تان ماڻهن سٺي خريداري ڪئي جنهن سان اسان کي تمام گهڻو فائدو مليو، پنهنجي سنڌ جي ثقافتي شين کي ٻين ملڪن تائين پهچائيندي ۽ پرڏيهي ماڻهن کي وڪرو ڪندي هڪ عجيب خوشي محسوس پئي ٿي.

اسان کي ريل گاڏي ذريعي سفر ۽ اتان جي ماڻهن سان گڏجي رهڻ دوران ڪافي ڄاڻ ملي ۽ گڏوگڏ آئينده لاءِ هنري شاهڪارن کي بهتر طريقي سان هڻن پرڏيهي نمائشي پروگرامن ۾ پيش ڪرڻ واسطي پڻ ڄاڻ ۾ خاطرخواهه اضافو ٿيو.

ميلي ۾ شريڪ ماڻهن ڪافي صلاحون ۽ نوان آئيڊياز ڏنا جن تي عمل ڪندي پنهنجي هٿ جي هنر کي اڃان بهتر ڪري آئينده بهتر ناڻو ڪمائنداسين، جنهن سان اسان جي غربت ۾ گهٽتائي ايندي ۽ اسين خوشحالي طرح گامزين ٿينديون سين.




سرسو ۽ پي.پي.ايف جون اسين تمام گهڻيون ٿورائتون آهيون جن اسان کي اهڙو موقعو فراهم ڪيو ۽ اسان جي همت افزائي ڪئي ۽ اسين ارادو ڪيو آهي ته اهڙو عزم ولولو پنهنجي ڳوٺ جي پينرن ۾ پرڙ ۾ وسان ڪونه گهٽائينديوسين جنهن سان سندن زندگي ۾ تبديلي جي اميد جو ڪرڻو روشن ٿي سگهي ۽ هو پنهنجي خوشحال ۽ عزت پرئي زندگي طرف وک وجهندي ٻئي جي محتاجي کان بچي سگهن. ان اونچي مقام جي حاصلات لاءِ ڪين محنت ڪرڻي پوندي، هنر ۽ علم سکڻا پوندا.

شال اسان جون سيئي اديون ان عظيم مقصد ۾ ڪاميابي ماڻيندي جيئري جنت جو نظارو فراهم ڪري سگهن.

ڏيڪاريس ڏکن - گوندر گس پرين جو،
سونهائي سورن - کي هيڪاندي هوت سين.

**

# سرسو ميڄتا: ميڊيا جي نظر ۾

جميل سومرو

موجوده تيز رفتاريءَ ۽ ترقيءَ جي سفر ۾ انساني زندگي تي سڀني کان وڏيڪ اثر انداز ٿيڻ وارو عنصر ميڊيا آهي. ميڊيا ئي نئين نسل سميت پهراڙيءَ وارن علائقن ۾ "ويزن" سوچ ۽ عمل پيدا ڪري رهيو آهي. ميڊيا جي سبب ئي مختلف علائقن، قبيلن ۽ ذاتين جون ريتون رسمون موجوده حالتن جو جائزو هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين پهچي ٿو. "Trend" (رجحان) تبديل ٿي رهيا آهن، آگاهي ۽ شعور کي هٿي ملي رهي آهي ۽ انساني زندگي جو مجموعي نظام اسرجندو ۽ وڌيڪ مضبوط ٿيندو پيو وڃي، ميڊيا پرنٽ (ڇپائي) هجي، اليڪٽرانڪ يا ڪنهن ٻه ڪٽي شڪل ۾ هجي، پر انساني شعور کي رسائي جو فرض سرانجام ڏئي ٿو. ان کي اسان "معاشري جو آئينو"، ٻئي اک، محتسب اعليٰ يا ڪٽي کهڙو ٻه نالو ڏيون انجي اهميت ۽ طاقت کان انڪار ممڪن ئي ناهي.

اسانجي ملڪ پاڪستان ۾ ميڊيا جي آزادي کي هن تيز رفتار ترقيءَ جو اندازو ته هن ڳالھ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته 2002ع ۾ صرف 2 ٽيلويزن اسٽيشنز جي ڀيٽ ۾ اڄ ملڪ اندر 90 کان وڌيڪ ٽي وي اسٽيشنز ۽ 135 نجي ايف.ايم چينلز ڪم ڪري رهيا آهن. 2000ع جي ڀيٽ ۾ اڄ 17000 صحافي / رپورٽر آهن جيڪي 40 کان 70 ملين ماڻهن تائين معلومات جو ذريعو آهن.

هن نت نئين ٽيڪنالاجي جي ايڊوانس دؤر ۾ اخبارن، رسالن، ريڊيو ۽ ٽي وي چينلن جي ذريعي انهن ئي صحافين اسان جي پهراڙيءَ وارن علائقن ۾ رهندڙ ماروئڙن تائين معلومات پهچائي رهيا آهن، تحقيقاتي رپورٽون ئاهي ميڊيا ذريعي پهچائي اتان جي مسڪين ماڻهن ۾ هڪ جذبو ڏنو آهي. پنهنجي زندگين کي تبديل ڪرڻ لاءِ اُتساهيو آهي ۽ عملي روپ ۾ وري سرسو جهرجهنگ پهچي ڪري پنهنجي ڪامياب حڪمتِ عملي ۽ اڻ ٽڪ محنت سبب هتان جي ماڻهن کي هڪ جياپو ڏنو آهي. سندن سوچ کي عملي جامعو پارائي چڙيو آهي. ميڊيا ۽ سرسو جي لازوال قدمن سان هي ماڻهو هاڻي نه صرف ويهن سالن تائين حالتن ۽ واقعن جي شينگوئي ڪري سگهن ٿا بلڪ پنهنجي ۽ پوري ڪميونٽي جي ڀلائي ۽ منافعي لاءِ هڪ پلان ئاهي مستقل طور تي اڳتي پڻ وڌي رهيا آهن.

انهن ماڻهن جي اهڙي اُتساهڻ کان وٺي انهن جي زندگين کي خوشحال بنائڻ واري عمل ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) کي نه صرف هتان جي مقامي ميڊيا بلڪ ڏيهي ۽ پرڏيهي ميڊيا پڻ گهڻو ساراهيو آهي.



* بي.بي.سي - اردو : تعلیم کا خواب اور معاشرہ
* ڊيلي ڊان ڪراچي: 12 ڊسمبر 2012ع
A paradigm shift in rural economy

روزانہ کائنات 6 فروری 2013ء

سرسو کیجانب پسماندہ علاقوں میں ترقیاتی منصوبے جاری

مختلف مسائل سے دوچار عوام کے مسائل حل کرنے اور زندگی بہتر بنانے کی کوشش کے بہتر نتائج نکل رہے ہیں۔

- ڊي فنانشل ڊيلي (23 مئي 2012ع) Minister Claims Cut in Poverty
- روزاني "خبرون" سکر/ پاڪ سنڌ/ خبرين/ يادگار/ انجام/ رياست (7 جون 2012ع)

سنڌ جي سرزمين کان غربت گھٽائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن : هاشم لغاري

سرسو پاران مختلف علائقن ۾ سکيا ڏني پئي وڃي : خورشيد شيخ ڊائريڪٽر يوٿ افيئرز

- روزاني خبرون، سکر (7 جون 2012ع)

سرسو مختلف شعبن ۾ نوجوانن کي سکيا ڏئي رهي آهي: خورشيد شاهه

- ڊيلي دي نيشن/ وزڊم/ ريجنل ٽائيمز/ ايڪسپلورر/ دي نيوز (12 مئي 2012ع)

Poverty Reduction measures fulfilled: Khursheed Shah appreciated the Role Playing by SRSO in the region.




روزنامہ ایکسپریس اور روزنامہ جسارت کراچی (17 اپریل 2012ء)

غربت کے خاتمے کیلئے این۔جی۔اوز مؤثر کردار ادا کر رہی ہیں۔سینئر صحافی رحمت سومرو

روزنامہ جسارت کراچی (22 نومبر 2012ء)

سرسو کے خدمات غربت میں کمی کیلئے معاون ثابت ہونے لگے۔

روزنامہ جسارت/جنگ؛ کراچی (22 مئی 2012ء)

سرسو کی کامیاب حکمت عملی نے زراعت میں انقلاب برپا کر دیا۔

مٿين هيڊ لائينز کان علاوه ٻن علاوه ٻن سالن جي ٿوري عرصي ۾ سرسو جي مختلف پروجيڪٽس ۽ سرسو پاران ڪوٺايل مختلف سيمينار ۽ ورڪشاپس کي ملڪ جي مڙني انگريزي، اردو ۽ سنڌي اخبارن جيڪو ماڻ ڏنو آهي انهن کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي.

اِها حقيقت به آهي ته ڪنهن به معاشري ۾ موجود پلائي وارن ڪمن کي ابلاغ جي ذريعن / ميڊيا ذريعي اصلي شڪل ڏيکاري سگهجي ٿي. ميڊيا لاءِ اِهو لازمي به آهي ته ماڻهن جي اصلي تصوير ۽ مؤقف سميت سماجي پلائي لاءِ جاکوڙيندڙ ادارن جي مؤقف کي عوام الناس تائين مثبت ۽ تعميري سوچ پيدا ڪرڻ جي لاءِ انهن جي تربيت پڻ ڪري.

سرسو جي اهڙن بي مثال قدمن ۽ جاکوڙ کي ڪٿي ان جو صحيح استعمال ڪري اسان پنهنجي ماروئڙن کي نه صرف حقيقي معلومات بلڪ ڪميونٽي اندر انقلاب به آڻي سگهون ٿا.

**

# سرسو جي سهڪار سان آمدني جو ذريعو ملي ويو!


روبينہ بلوچ

سوشل آرگنائيزر

ڊسٽرڪٽ آفيس خيرپور.


مانــدي ٿـيءُ نہ مــارئي تـنهنجو الله بہ آهي،
ســون ڏينـهن جـا ڏڪـڙا هڪ لحظي ۾ لاهي،
اهـوئي الله آهي جيڪو ماڳ رسائيندي مارئي.



غربت سماجَ ۾ موجود سيني ناسورن جي جڙ آهي. سماجَ ۾ سونهن پيدا ڪرڻ لاءِ، انهيءَ ۾ معاشي توازن پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ غربت، بُکَ، بيروزگاريءَ کي تڙي ڪيڻ لاءِ سماجَ جا ساڃاهہ وند ۽ سوچيندڙ ذهن هميشہ ڪوششن ۾ رهندا آهن. اهڙن ڪردارن ۽ انهيءَ راهہ تي سفر ڪندڙ ادارن جو اهو مڪ مقصد هوندو آهي تہ سماج کي مفلسيءَ جي ڏٻڻ مان ڪڍي پاڙيرو ڪجي.

شانہ ڳوٺ محرم علي يونين ڪائونسل شادي شهيد جي رهواسڻ آهي. هي ڳوٺ سرسو ڊسٽرڪٽ آفيس خيرپور کان 10 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اوير طرف واقع آهي. پنجن ٻارن جي اولاد رکندڙ شانہ پنهنجي مڙس علي جان جي محنت مزدوري واري ڪمائي مان گذرسفر ڪندي، ڏکيو سُکيو پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ ٻَئي پاليو.

سرسو جي سوشل موبلائيزيشن ۽ خصوصي منصوباسازي تحت ”يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام“ جي نالي سان شروع ڪئي تہ شانہ زال علي جان بہ انهيءَ مان فائدو حاصل ڪرڻ جو سوچيو، شانہ جو گهراڻو هڪ غريب ترين گهراڻو آهي. تنظيم ”علي جان“ جڙڻ ڪانپوءِ. غربت جي چنبي مان آجو ڪرائڻ ۽ آمدني وڌائڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ واسطي شانہ کي تنظيمي جاڳرتا جي عمل سان منسلڪ ڪيو ويو.

تنظيم جڙڻ کان اڳ رند قبيلي جي عورتن کي ڪنهن سان ڳالهائڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ تي سخت پابندي هوندي هُئي. ائين سمجهجي تي عورتون قبائلي علائقي ۾ رهن پيون، جتي صرف جهنگ جو قانون لاڳو هجي، اُتي سرسو جي موبلائيزيشن ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ هئي، ڇوتہ اهڙي ڪميونٽي کي هڪ جاءِ ڪٺو ڪرڻ، انهن کي منظم ڪرڻ، ايڪي ٻڌي لاءِ همٿائڻ، تربيتون حاصل ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ ڪو آسان ڪم ڪونہ هيو. تنهن هوندي انهيءَ ڳوٺ ۾ بهتر حڪمت عملي سان ڪم جي شروعات ڪئي وئي، ڪجهہ فعال ڪارڪن عورتن کي گڏ ڪري انهن کي تنظيمي مالها ۾ مڙهيو ويو، هتي انهن بهادر عورتن جي ڳالهہ ڪنداسين. جن کي سرسو جي پليٽ فارم تان تربيتون پڻ ڏياريون ويون. جنهن بعد شانہ ۽ ٻيون ميمبر عورتون ٻڌائين ٿيون تہ:



اسان کي پهريان ڪنهن بہ اوپري مرد سان ڳالهائڻ نہ ڏنو ويندو هيو سدائين ڇڻ ڊپ ۽ پهري هيٺ رهنديون هيون سين. سرسو ٽيم جي سمجهائڻ ۽ بهتر حڪمت عمليءَ ڪانپوءِ اسان جي ڪميونٽي جا ماڻهو منظم ٿيا انهن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي ۽ هنن اسان کي مردن تربيت حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏني، تربيت دوران اسين سکيو تہ پنهنجي مدد پاڻ تحت بہ غربت گهٽائي سگهجي ٿي.

ڳوٺ اچڻ ڪانپوءِ اسين پنهنجي تنظيم ۾ شامل ڀين عورتن کي پڻ بچت ۽ ايڪي ٻڌي جي باري ۾ سمجهايوسين، اسين ڇهن ميمبرن نوجهان زال علي رهبر، عجيبان زال علي گوهر، حضوران زال الهه بخش ۽ آءُ شانه پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيو ته اسين سيئي گڏجي ڳوٺ ۾ **اٽي جي چڪي** لڳايون، ڇوته ڳوٺ ۾ اٽي پيهڻ جي مشين نه آهي، ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي. تنهن بعد اسين گڏجي سرسو کان قرض حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ قرارداد لکي ڏني، جيڪا جلد منظور ٿي. اسين سڀني گڏيل صلاح سان هڪ اٽي جي چڪي خريد ڪئي سين. جنهن جي ٽوٽل رقم -/60,000 هزار هئي. اسان ڇهن ميمبرن کي مليل قرض جي رقم -/45,000 هزار روپيه ٿي. باقي -/15,000 هزار پنهنجي جمع پونجي ملائي اسين ڳوٺ ۾ اٽي جي چڪي لڳائي سين. جنهن مان نه صرف اسان کي پر سموري ڳوٺ ۽ آسپاس جي ڳوٺاڻن کي پڻ هڪ سهوليت ميسر ٿي. هن چڪيءَ کي هلائڻ لاءِ اسين تمام گهڻي



محنت ڪئي سين، جنهن مان اسان کي سٺو فائدو ٿيو. اسين وري تنظيم جي ميمبرن گڏجي صلاح ڪئي سين ته ڇونه چانورن ڇڙڻ جي به **چڪي** لڳايون ڇوته اسان وٽ ساريون به گهڻيون ٿينديون آهن. يڪراءِ سان فيصلو ڪري اسين وري ٻيهر سرسو کي قرض لاءِ قرارداد لکي ڏني جيڪا به جلد منظور ٿي. اسين ڇهني ميمبرن قرض جي رقم ملائي ڪري هڪ چانور ڇڙڻ جي چڪي ورتي سين. الله جي فضل سان ۽ اسان جي محنت سان هن وقت ٻنهي چڪين مان روزانه 500 کان 600 سئو روپيه ڪمائي ٿي پئي. چانورن جي سيزن ۾ ته اجان به ڪمائي وڌيڪ ٿيندي آهي. اسين سرسو جي ٽيم جا تمام گهڻا شڪرگذار آهيون جنهن اسان جي تمام گهڻي مدد ۽ رهنمائي ڪندي ڏکئي وقت ۾ اسان جو ساٿ ڏنو، اداري جي ٽيم اسان جي مردن کي منظم ڪيو جنهن جي ڪري اسان کي به تنظيم ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت ملي.

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته سرسو ٽيم بڪ ۽ اڄ برداشت ڪري پنهنجي ڪم کي صحيح نموني سان سرانجام ڏيڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ۾ رڌل آهن. جهڙي طرح هڪ اڃايل ماڻهو ڪنهن ريگستان ۾ پاڻي جي تلاش ڪندو آهي. اهڙي طرح سرسو غربت کي گهٽائڻ لاءِ غريبن جي جي تلاش ۾ مصروف عمل آهي. ۽ ٽيم پنهنجي ڀرپور ڪوشش پئي ڪري ته انهن غريب عورتن کي پاڻ پرو ڪري معاشري ۾ عزت جي زندگي گذارڻ لاءِ حوصلو ۽ مدد فراهم ڪجي ته جيئن هو به عزت جي زندگي گذاري سگهن، ۽ عورت کي به معاشري ۾ عزت ۽ اهميت ملي.



اسين تنظيم علي جان جون سيئي ميمبر عورتون سرسو پاران اسان جي ڳوٺ ۾ ڪيل ڪارڪردگيءَ مدد ۽ حوصلاافزائي مان تمام گهڻو مطئمين آهيون ۽ اسان جو ٻيو پلان آهي ته سرسو جي رهنمائي ۽ مدد سان ڳوٺ ۾ هڪ ڪڪڙين جو فارم لڳايون ته جيئن اسان وڌ کان وڌ محنت ڪري پنهنجي مدد پاڻ تحت غربت کي گهٽايون.

اسان جي ڀرپاسي جي ڳوٺاڻين عورتن کي پڻ اهائي گذارش آهي ته وڌ کان وڌ سرسو جي ٽيم سان تعاون ڪريو، توهان ۽ اسان جي لاءِ سرسو اداري وٽ تمام گهڻا پروجيڪٽ آهن جنهن وسيلي اسان گهڻو نه ته ٿورو ئي سهي پر پنهنجي غربت کي گهٽائي پنهنجي خاندان جي ڪفالت ڪري سگهون ٿيون.

*




# صنفي جاڳرتا

نياز علي سومرو

جنس مان مراد مرد ۽ عورت آهي. اها هڪ خدا جي بهترين تخليق آهي. جنهن کي تبديل نٿو ڪري سگهجي. جڏهن تہ صنف (Gender) سماج ۾ جنس جي بنياد تي مرد ۽ عورت جي ڪردار ۽ ڪم ڪار کي ظاهر ڪندو آهي. جڏهن تہ سماج اندر ڪردار جي حوالي سان جوڙيل قانون اسان انسانن جا آهن. ان ڪري انهن ۾ وقت ۽ حالتن جي مد نظر ڦيرگير ٿيندي رهندي آهي. مردن ۽ عورتن جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي تہ اهو سندن جسماني بناوٽ ئي آهي. پر اسان وٽ ڪيئي ڳالهيون پٿر تي لڪير ڪري سمجهيون وينديون آهن. جنهن جي ڪري صنفي برابري جي هڪجهڙائي جي مخالفت ڪئي ويندي آهي. ۽ ان کي ئي بنياد بڻائي عورتن کي مردن کان ڪمتر سمجهيو ويندو آهي، سائي سماج جي غلط فهمي آهي.

اسان پوري دنيا کان چوٽ تي چڙهيل نظر ٿا اچون مثال طور ڇوڪرين جي پڙهائي ۽ سندن رشتن ناتن ۾ ساڻن مشورو ڪرڻ کي غلط سمجهيو ويندو آهي. ڪاروڪاري جي نالي ۾ هلندڙ نياڻين جي قتل کي غيرت سان جوڙي ڪري، معصوم حياتين کي ختم ڪرڻ جون فتوائون ڏئي خون وڪرو ڪري سرن جا سودا ڪيا ويندا آهن. جتي سڀ کان وڌيڪ نشانو عورت کي ئي بڻايو ويندو آهي. جن کي اسين هاڻي آسماني صحيفون سمجهي پوڄي رهيا آهيون.

سماج اهي ترقي ڪندا آهن جنهن ۾ زندگي سان سلهاڙيل ڪم تمام اهم ڳالهين متعلق واضع ۽ چٽا موقف هوندا آهن. انهن کي خبر هوندي آهي تہ ڪهڙي ڳالهہ فائدي واري ۽ ڪهڙي نقصانڪار آهي. صنفي فرق کي سمجهڻ بنا اسان ترقي نٿا ڪري سگهون. جڏهن قوم جي اڌ آبادي ترقي لاءِ هلندڙ سموري وهنوار کان الڳ هجي. بلڪہ ان کي انسان ئي نہ سمجهيو وڃي تہ پوءِ اسان تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ هن دنيا سان ڪيئن قدم بقدم هلي سگهنداسين.

اهڙي ئي مقصد کي اڳتي وڌائيندي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن "سرسو" جو صنفي ترقي جو شعبو (جينڊر سيڪٽر) جيڪو 2008ع کان سنڌ جي نون ضلعن ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀائي رهيو آهي. ان شعبي جو مقصد سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ عورتن تي ٿيندڙ ظلم، زيادتي، تشدد، اڻ برابري، ڪٽين ريتن ۽ رسمن، ننڍپڻ ۾ شادي، ڇوڪرين جي تعليم وغيره جي حوالي سان سنڌ جي واهڻن وستين ۾ مرد ۽ عورتن سان مختلف ننڍا توڙي وڏا صنفي ورڪشاپ/ پروگرام ڪري هنن ۾ سجاڳي پيدا ڪري رهيو آهي تہ جيئن معاشري ۾ مرد جيئان عورت جي مانَ مرتبي کي اهميت ڏئي سگهجي.

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ "عورت نصف انسانيت آهي" مرد انسانيت جي هڪ حصي جي نشاندهي ڪري ٿو تہ عورت ٻئي حصي جي. عورت کي نظرانداز ڪري انسان ذات جي ڀلائي لاءِ هرڪوشش اڌوري ۽ اڻپوري رهندي. ڀلا ڪو ماڻهو ڪنهن اهڙي سماج جو تصور ڪري سگهي ٿو جيڪو رڳو مردن تي ٻڌل هجي جنهن ۾ عورتن جي ضرورت نہ هجي. ٻئي جنسون هڪ ٻئي جي ضرورت آهن نہ مرد عورت کان سواءِ پنهنجو وجود قائم رکي سگهي ٿو ۽ عورت مرد کان بغير رهي سگهي ٿي. جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن بہ سماج ۾ اڌ آبادي کي برتر ۽ اڌ آبادي کي ڪمتر ڄاڻي، انهن جي وچ ۾ ويڇو پيدا ڪيو وڃي تہ اهو سماج ترقي جي رفتار ۾ ٻين سماجن کان پٺتي رهجي ويندو. پر افسوس جو هن ڌرتي تي مظلوم ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ تعداد عورتن جو آهي جيڪي ڏاڍ جو شڪار

تين تيون پوءِ ڪٽي گهٽ تہ ڪٽي وڌ. هڪ ڪامياب معاشري جو مطالعو ڪجي تہ مرد ۽ عورت هڪ گاڏيءَ جا ٻہ ڦيٿا آهن. جسماني طاقتجي لحاظ کان مرد وڌيڪ سخت ڪم سرانجام ڏيندي، بک، سفر ۽ ڪشالا ڪاٽيندي روزگاري لاءِ، سٺو ڪم ڪري سگهي ٿو، جنهن جي آمدنيءَ سان گهر جو چرخو ٻارن جي تعليم، صحت جي معيار ۽ کاڌي پيتي لاءِ پئسا استعمال ڪيا وڃن ٿا.

ٻئي طرف مرد جي اهڙن ڪشالن جدوجهدن ۽ جفاڪشين عيوض سندس ڪمايل پئسن جو جيڪڏهن عورت صحيح استعمال نہ ڪري، تہ ٻارن کي بهتر صحت، غذا ۽ تعليم ڪونہ ملي سگهندي. ٻئي ڦيٿا گڏوگڏ ڊڪندا تہ ترقي جي منزل ويجهو ٿيندي ۽ سفر ڪامياب پڻ ٿيندو.

اسان وٽ بگاڙ تڏهن پئدا ٿيو آهي جو عورت کي ”گهر“ جهڙو ادارو بهتر بنائڻ جي جاءِ تي ڪانئس رونبو، لاب، گاهہ، ڪتر، مال متاع ۽ پئسن ڪمائڻ وارا ڪم ورتا ٿا وڃن، جا سراسر فطرت جي عين ابتڙ آهي ۽ قدرت سان ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ معاشرتي بگاڙ، اونداهہ ۽ ناسور زده ماحول اسان جي سامهون آهي ۽ جڳ جيئري ئي دوزخ جو ڏيک ڏئي رهيو آهي.




سرسو ڏينهن رات ٻهراڙي جي ماڻهن سان لهہ وچڙ ڪندا جاڳرتا پئدا ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي. صنفي ترقيءَ جو شعبو ان ڏس ۾ وسان ڪونہ ٿو گهٽائي.

صنفي شعور کي وڌائڻ لاءِ صنفي ترقي جي شعبي مختلف ڳوٺن مان مرد ۽ عورتن کي صنفي برابري تي تربيت ڏيندڙن جي تربيت (Gender ToT) جي شروعات پڻ ڪئي تہ جيئن اڳتي هلي اهي معاشري ۾ صنفي برابري جي جاڳرتا کي هٿي وٺرائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين. سرسو انهيءَ سلسلي ۾ ايف.ايم ريڊيو تي صنفي پيغامات بہ نشر ڪري رهي آهي تہ جيئن وڌ کان وڌ ماڻهن ۾ سجاڳي بيدار ٿئي هيءَ هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي تہ هن معاشري ۾ عورتن تي ٿيندڙ ظلم، جبر ۽ ڏاڍ کي ڪجهہ گهٽائي سگهجي. سنڌ ۾ ٿيندڙ عورتن تي ظلم ۽ ڏاڍ جيڪو سنڌي اخبار ڪاوش انهن کي گهٽو ظاهر ڪري ٿي. هيٺ ڪجهہ انگ اکر آهن جيڪي اوهان جي آڏو پيش ڪجن ٿا.

اسان جو سماج اهڙي واٽ تي بيٺل آهي جنهن جي ڪابہ منزل طئي ٿيل نظر نہ پئي اچي. جتي ترقيءَ جون راهون اڳيان هجن تنهنڪري اچوتہ گڏجي صنفي شعور کي اڳتي وڌائي پنهنجي زندگيءَ کي بهتر ڪرڻ جا اهڙا گس ڳولهيون جتي اسان جون نياڻيون بنيادي حقن کان محروم نہ ٿين ۽ پنهنجي سماجي سگهہ کي سجاڳي ترقيءَ منزل طرف گامزن ٿي سگهن.

## ❊ سچا موتي ❊

- ساده لباس سان عورت جي عصمت جي حفاظت ٿيندي آهي.
- جيڪو شخص عورت تي پنهنجو هٿ سواءِ مهرباني جي رکي ٿو، اهو بزدل ۽ قابل نفرت آهي.
- منهنجي راءِ ۾ عورت کان وڌيڪ مظلوم هن دنيا ۾ ڪوئي ناهي.
- پڙهيل لکيل استاد اڻ پڙهيل مائرن جا شاگرد رهي چڪا آهن.
- ماءُ ڪڏهن بہ هي محسوس نٿي ڪري تہ ان جي دعائن جي بغير بہ اولاد محفوظ آهي.
- ماءُ جي محبت ۾ گهرائي جو سمنڊ آ، جنهن جي ماپڻ جو ڪو اوزار ئي ڪونهي.

# هنر بادشاهه آهي

زبير سومرو

سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي تہ ”هنر بادشاهه آهي“، پر هنرمند ماڻهن کي پنهنجي بادشاهيءَ جي باري ۾ اها ڄاڻ نہ هوندي آهي تہ هنر کيئن ۽ ڇو بادشاهه آهي. ڇوتہ هر هنرمند بنيادي طور تي مزدور هوندو آهي ۽ مزدور يا پورهيت طبقي جا ماڻهو پاڻ کي بادشاهه تصور ڪن، اهو انتهائي مشڪل آهي.

هنر جي بادشاهيءَ جو هڪ ٻيو دليل هڪ تاريخي واقعي مان بہ ملي ٿو. چون ٿا تہ ڪنهن جنگ جي پڄاڻي تي هڪ ڌر جا ڪجهه فوجي مارجي ويا ۽ ڪجهه جوان زنده گرفتار ٿيا. جيڪي گرفتار ٿيا، انهن کي جنگي قيديءَ جي حيثيت ۾ قيد ڪيو ويو. انهن قيدين مان ڪجهه هنرمند ماڻهو هئا، جيڪي آڏاڻي تي ڪپڙو اُڻڻ جا ماهر هُئا.

جڏهن فاتح بادشاهه کي خبر پئي تہ هن جي قيدخاني ۾ مفتوح قيدين ۾ ڪجهه هنرمند آهن، تہ هنن کي دربار ۾ طلب ڪيائين ۽ هنن کي چيائين تہ اسان جي ملڪ ۾ ڪپڙي تيار ڪرڻ جي صنعت يا ان سان لاڳاپيل ماڻهو نہ آهن، اوهان منهنجي ملڪ جي ماڻهن کي ڪپڙو اُڻڻ جو جيڪڏهن هنر ڏيندؤ تہ مان اوهان کي معاوضي طور آزاد ڪندس. اها ڳالهہ هنرمند قيدين کي پسند آئي، ۽ پوءِ هنرمند قيدين ان ملڪ جي ڪجهه ماڻهن کي اهو هنر سيکاريو ۽ آزادي ماڻي پنهنجي ملڪ هليا ويا. سو اهو آهي هنر، جنهن کي بادشاهه جو لقب ڏنو ويو آهي. هنر کي مختلف لفظن سان تشريح ڪيو ويو آهي. ”دراصل هنر هر انهيءَ ڪرت جو نالو آهي،جنهن ۾ ذهن سان گڏ هٿن جي چرپر بہ شامل هجي.“ هنر جو ٻيو نالو عوامي ٻوليءَ ۾ ”فن“ چيو ويو آهي.

هنر يا فن جي تاريخ جا پيرا کڻجن تہ معلوم ٿيندو تہ هن ڪيتر جي ماڻهن هر دور ۾ ڪاجو راهو جا مندر، موناليزا جو شاهڪار، مصر جا احرام، موئن جي دڙي جا ڳالهائيندڙ ڪنگ، پرسٽ جي بت تراشي، ۽ الائي تہ ڇاڇا..... اهي سڀ انهن عظيم هنرمندن جي هنر جي بدولت ئي تہ آهن، جو اڄ اهي عالمگير سطح تي انسانيت جا لازوال هيريٽيج آهن. هنرمندي ۽ پورهئي جي حوالي سان هتي هڪڙي ڳالهہ ڪرڻ انتهائي لازمي آهي، جنهن جو تعلق هنر ۽ هنرمند ۽ اُن جي ڪارج، وهنوار متعلق معاشري ۾ ظاهر آهي، هر گهر جي هر فرد کي پنهنجي روزمره جي زندگي ۾ استعمال جون شيون سامان ۽ سهولت درڪار هونديون آهن، جن جي پورائي اهي منرمند پورهيت ئي ڪندا آهن. حيرت ۽ جس ڏيڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ انهن مڙني، شين سامان ۽ سهولت جي پورائي ڪندڙن مان تقريبن 95 سيڪڙو ماڻهو اسان جا اڻ پڙهيل يا گهٽ پڙهيل پورهيت ڪار آهن.

گهر يا عمارت سازي هجي يا در دريءَ جو ڪم، فرنيچر هجي، باٿ روم فٽنگ جو ڪم، وار ٺهرائڻ جو حجامڪو ڪم هجي يا ديڳيون پچائيندڙ بورچيءَ جو، مطلب تہ روزاني زندگيءَ جو سمورو ڪار وهنوار اسان جا اهي هنرمند پورهيت هلائن ٿا.




ايڪوهين صديءَ جي جديد ٽيڪنالاجي واري دور ۾ اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي هڪ حيرت ڏيندڙ ۽ بحث طلب تہ ضرور آهي، تہ ڪروڙين ماڻهن تي مشتمل عوام الناس جي روزمره جي زندگيءَ جو ڪاروهنوار اهو پورهيت ۽ هنرمند طبقو هلائي رهيو آهي، جيڪو نہ رڳو اڻ پڙهيل آهي، بلڪ غير مستحد پڻ آهي، جنهن سرڪار جي ڪنهن بہ اداري مان باضابط طور تي ڪا تربيت يا ڪوئي ڪورس نہ ڪيو آهي، ڪيس سائنسي بنيادن جي ڪنهن

راڌا ڪرشن جي قول موجب "اسان جي زندگيءَ جو مقصد هڪ ذميداري ۽ احساس جي دعوت ڏي ٿوته هڪ اسڪيم رٿا ترتيب ڏجي جنهن ۾ انسان خدا ۽ عشق گڏجي، نئين انسان جي تربيت ۽ تخليق ڪري سگهن. اهائي انسان جي نائبي آهي جا هر انسان ڪي محسوس ڪرڻ گهرجي."

انسان تي پهلو به رکي ٿو سچائي Truth چڱائي Goodness ۽ حسن اخلاق ۽ آرٽ يا فن. فطرتاً هي خدائي خلقيو آهي.هي چاڻ، آزادي ۽ تخليقيت جي ٽن رخن سان گڏ عهد ڪيل Committed ارادو آهي. هي اهڙو خدا رتو وجود آهي جنهن ڪي علم ۽ محبت جي گڏيل دولت سان زمين تي جلاوطن ڪيو ويو آهي. هي سموري موجوادات تي حڪومت ڪري ٿو ۽ سندس آڏو سڀئي فرشتا ڪنڌ نوائين ٿا. هي دنيا ڪان باغي آهي ۽ خدا جي ارادي سان جوڙيل هڪ هموار رستو آهي، جيڪو پنهنجي تخليق جي آخري مقصد حيات ۾ خود زندگي جي ذريعي تڪميل گهري ٿو. هو فطرت جي جنت مان پنهنجي ذات جي خود آگاهي جي صحرا ۾ لٿل وجود آهي. جنهن ڪي پنهنجي جنت تخليق ڪرڻي آهي. هو تمام مخلوقات ڪان اتم اعليٰ ۽ سڀئي ايجاداتون سندس عقل جي تابع آهن. **ولقدڪرمنابني آدم** (بني اسرائيل) ۽ اسان انسان ڪي اشرف المخلوقات بڻايو.

تونے کیا غضب کیا مجھ کو بھی فاش کر دیا،
میں ہی تو ایک راز تھا سینۂ کائنات میں۔ (اقبال)

حديث شريف جو ترجمو آهي ته "فطرت لڪل خزانو هئي بي حجاب ٿيڻ جي ارادي سان انسان ڪي پئدا ڪيو.

ته هي نه سمجهه ۾ ايندڙ پراسرار ماڻهو/ انسان، اجان تائين مفڪرن، فلاسفرن، سائنسدانن لاءِ هڪ سواليه نشان آهي ۽ اهو هڪ اهڙو سوال آهي جنهن جو پڙادو هينئر غير ترقي يافته ملڪن تائين وڌيڪ اهميت جو حامل آهي.

علمائن موجب انسان جي اوائلي پئدائش پاڻي مان ٿئي. قرآن چواڻي ته اسان هر جاندار ڪي پاڻي مان ناهيو. توريت ۾ آيل آهي ته "اسان پاڻي ڪي حڪم ڪيو ته هر جان ڪي حرڪت ڏيو". الغرض زندگي جي پئداوار پاڻي (سمنڊ) مان ٿي آهي ۽ پوءِ ارتقا جا دور ۽ منزلون طئي ڪندا پنهنجي ترقي طرف روانا ٿيا.

هزارين مشاهدن ۽ تجربن ثابت ڪيو ته ماءُ جي رحم ۾ جيڪي عنصر موجود آهن (ماحول، درجه حرارت، گهم) سي سڀئي خط استوا سان لڳ سمنڊ تي موجود آهن.

شروعات ۾ زندگي مختلف منزلون ۽ ڏاڪا طئي ڪندي ماڻهپي جي منزل تي پهتي آهي. اهڙوئي حيرت انگيز ماحول ماءُ جي پيٽ ۾ موجود آهي. نطفو جڏهن ماءُ جي رحم ۾ پهچي ٿوته هڪ Cell جهڙو ٿئي ٿو، پوءِ ڪجهه مدار طئي ڪندي گوشت جو لوٿڙو بڻجي ٿو ۽ بعد ۾ ڏيڏر جهڙي شڪل اختيار ڪندي پڪين جهڙي جهنب نما ٿي وڃي ٿو. ان بعد چوپاين جهڙي شڪل اختيار ڪري ٿو. چوٿين مهيني ۾ مٿي ۽ ٻانهن جي نڪرڻ بعد هڪ ننڍي دمب نڪري ٿي جا پنجين مهيني ختم ٿي وڃي ٿي ۽ ڇهين مهيني اندر نر يا ماده جي تميز ظاهر ٿئي ٿي. انين مهيني اڪيون ڪلن ٿيون ۽ مٿي تي وار اچيو وڃن. اهڙي طرح انسان جو ٻار به انهن سڀني ارتقائي منظرن ۽ مرحلن مان گذرندي پئدا ٿئي ٿو. جنهن جي شروعات مرحلن ۾ ڪا شناخت ڪونه ٿي سگهي ٿي. انساني بدن، الله جي صنعتن ۽ تخليقن جو حيرت انگيز مظهر آهي. جنهن سان عقل دنگ رهجيو وڃي.

قرآن ۽ سائنس صدين ڪان ٻڌائين ٿاته ارتقائي عمل جي حيثيت آهي جيڪا اجان تائين جاري ساري آهي ۽ آخر تائين رهندي.

ماڻهو ڪان انسان ٿيڻ جو سفر هڪ لا متناهي نه ڪٽندڙ ۽ ڏکيو سفر آهي جيڪو ماضي ۾ به هيو حال ۾ آهي ۽ مستقبل ۾ به رهندو. اسين سمورا ماڻهو ته آهيون پر مڪمل ماڻهپي وارا انسان هرگز ڪين آهيون. ڪالهه ڪان اڄ ان امر جي اشد ضرورت آهي ته هن ٻوساٽيل ناسور ۾ وڪوڙيل سماج ڪي ماڻهپي سان منور ڪجي ته هوند عدل ۽ انصاف جا ڏيئا روشن ٿيندا. سرسو جا سرواڻ ڪجهه حد تائين ان ڏس ۾ پاڻ پتوڙيندي ٻڌي، تنظيم ۽ سماجي زندگي گڏجي سڏجي گذارڻ لاءِ سڏ ڏيندا رهن ٿا.

پڙاڏو سوئي سڏ، جو واءُ وراڪو ڪري،
هئا اڳيئي گڏ، ٻڌڻ ۾ به ٿيا.

# ايليمينٽري ڪلسٽر اسڪول جو قيام

غلام علي سانگي
سبجيڪٽ اسپيشلسٽ اردو
سهراب خان پهوڙ خانپور



اسان جڏهن تعليم تي ڳالهائيندا آهيون ته سڀ کان اول اسان ڪائناتي تعليم جي ڳالهه ڪنداسين، ٻاهرين ملڪن ۾ تعليم ذريعي هر روز نوان تجربا ٿي رهيا آهن. فرش کان عرش تي، هڪ سياري کان ٻئي سياري تائين تحقيق ۽ نئين سر ڪم جي جوڙ جڪ ٿي رهي آهي. پر، جڏهن اسان پاڪستان جي ڀيٽ عالمي تعليم سان ڪنداسين ته اسان کي پاڪستان جي تعليمي شرح 55% سيڪڙو نظر ايندي، جيڪا ايتري ڪا خاص مطمئين ڪندڙ نه آهي. اسان جيڪڏهن صوبي سنڌ کي ڏسنداسين خاص ڪري اتر سنڌ ۾ جتي اسڪول ته گهٽا نظر ايندا پر انهن ۾ پڙهائڻ وارو ڪو خاص رجحان نظر نه ايندو. اتفاق سان جيڪڏهن ڪو نظر به ايندو ته اتي وري ڪو شاگرد نظر نه ايندو. اهو ماحول مثبت سوچ رکندڙن لاءِ هڪ وڏو الميو آهي. انهيءَ فقدان کي پوري ڪرڻ لاءِ، تعليمدانن سنڌ سان سچي محبت ۽ عقيدت مندن سنڌ کي تعليم جي زيور سان سينگارڻ جو عهد ڪيو.

مستقل جدوجهد ۽ انهي خواب کي ساپيان لاءِ ڪيترين ئي مشڪلاتون درپيش آيون، جنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ گهڻو وقت درڪار آهي.

بهرحال اسان جو موضوع Elementary Cluster School جو قيام آهي. انهن ماڻهن کي جس هجي، جن اهڙي نيڪ مقصد ۽ انمول پروگرام جي حاصلات لاءِ ڏينهن رات، گرمي سردي ۽ سخت محنت ڪندي ۽ درپيش ايندڙ ڪيترين ئي تڪليفن جي پرواهه نه ڪندي Project proposals تيار ڪيا، ۽ اهي Project Proposals ملڪي ۽ غير ملڪي ادارن ڏانهن اماڻيا ويا، انهن مان (P&D GoS) Community Development Program ۽ سنڌ حڪومت جي خاص مالي سهڪار سان ضلع شڪارپور ۽ ضلع ڪنڌڪوٽ لاءِ Project منظور ڪيو ويو.

آءٌ جڏهن ضلع شڪارپور جي تعلقه خانپور جي هڪ ننڍي پيل ڳوٺ سهراب خان پهوڙ ۾ (اردو) Subject Specialist طور منتخب ٿيس، آءٌ سهراب خان پهوڙ ۾ ويس ۽ وڃي مشاهدو ڪيو ۽ ڏٺو ته سرسو (SRSO) جي تعاون سان هڪ منفرد ۽ سٺي بلڊنگ جي اڏاوت ٿيل نظر آئي، ان بلڊنگ ۾ اهڙو ته بهترين قسم جو فرنيچر رکيل هيو، جيڪو مونکي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ به نظر نه آيو. وائيٽ بورڊ، مارڪر، ڊسٽر، راندين جو سامان، اليڪٽرانڪ فٽنگ، هڪ ڪشادو ميدان، جنهن تي ڇپر جي پوڪائي ٿيل هئي جيڪو خاص ڪري شاگردن کي Break ۾ پڙهڻ لاءِ موزون هو، ميدان جي چوڌاري مختلف ٻوٽا ۽ فرش بندي دلڪش نموني سان ٿيل هئي، شاگردن جي تدريسي عمل لاءِ اداري سرسو (SRSO) طرفان مفت تعليم، ڪتاب، ٿيلها ۽ شاگردن جي اچ وڃ لاءِ ٽرانسپورٽ جي سهوليت جو پڻ بندوبست نظر آيو. اهي شيون ڏسي ذهن ڪاٽو لڳايو ته اسڪول ۾ پڙهندڙن جو تعداد ججهو هجڻ گهرجي، پر تعداد نه هجڻ جي برابر هو، اهو سبب پڇڻ تي معلوم ٿيو ته هتان جي تر جا ماڻهون 50 سيڪڙو به پنهنجي ٻارن کي



پڙهائڻ لاءِ نٿا موڪلن  باقي 35 سيڪڙو ٻارن ڪي والدين مدرسن ۾ عالم ٿيڻ لاءِ موڪلن ٿا.

50 سيڪڙو ٻارن ڪي نہ پڙهائڻ وارا والدين چون ٿا تہ"ٻار اسڪول وڃي ڇا ڪندا؟"يا پنجين درجي واري شاگرد ڪي پنهنجي والد جو نالو لکڻ بہ نہ ٿو اچي! يا استاد تہ اسڪول اچن ئي ڪونہ ٿا "يا لکائي پڙهائي ڇا ڪنداسين اسان ڪي تہ ابي ڏاڏي وانگر ڪڙمي ئي ٿيڻو آهي".



اهڙن والدين ڪي سرسو جا ڪارڪن گهر گهر وڃي سندن جاڳرتا ڪن ٿا ۽ تعليم جهڙي انمول زيور بابت ڪين ان ڳالهہ تي قائل ڪن ٿا تہ پنهنجن ٻارڙن جو مستقبل جيڪڏهن سنوارڻو آ، ۽ انهن کي معتبر ۽ ڪامياب انسان بڻائڻو آ تہ ان مسئلي جو حل صرف تعليم سان ئي ممڪن آهي.

ان سلسلي ۾ والدين، ڪميونٽي، استادن ۽ سرسو جي عملدارن تي مشتمل تعليمي ڪميٽي پڻ ٺاهي وئي آهي، جنهن جو ڪم ان پراجيڪٽ جي لاهين چاڙهين، مونجهارن مسئلن، اسڪول ۾ شاگردن جي حاضري وغيره تي نظرثاني ڪندي منجهيل مسئلن جو ڳنڀير سڌجي حل ڪڍندي تعليم کي يقيناً ۽ هر صورت ۾ ڪاميڊ بڻائڻو آهي. تہ جيئن مذڪوره ڳوٺن ۾ ڪوبہ شاگرد يا شاگردياڻي تعليم جهڙي زيور کان محروم نہ رهجي وڃي.

باقي 35 سيڪڙو والدين چون ٿا اسان ڪي پنهنجي اولاد کي فقط حافظ ئي ڪرڻو آهي اهو جڻ اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آهي" اوهان جا اسڪول اسان جي مدرسن کان وڏيڪ نہ آهن."

انهن مڙني مسئلن جي حل لاءِ يا شاگردن جو تعداد ۽ تعليم عالمي سطح جي بنائڻ، يا هاري ناري، مزدور ۽ مسڪينن جا ٻار يا جيڪي والدين ٻارن ڪي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جذبا تہ رکن ٿا پر پئسا نہ هجڻ جي ڪري سندن خواب، بس خواب ٿي رهجي ويندا آهن. انهن خوابن ۽ مسئلن ڪي حل ڪرڻ لاءِ اداري سرسو هڪ حڪمت عملي جوڙي، جنهن ۾ انهن ٻارڙن لاءِ مفت تعليم، ٽرانسپورٽ ۽ هڪ بهتر ماحول سان گڏوگڏ قابليت Merit جي بنيادن تي سوشل ذهن رکندڙ ۽ مختلف Subjects جي مهارت رکندڙ استاد ۽ استادياڻين جي ڀرتي ڪيو ويو.

انهن (Subject Specialist) انهن سيني ڳالهين ڪي مدِنظر رکندي منزل تي پهچڻ لاءِ هيٺين نقطن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

- ❖ وقت تي اسڪول پهچڻ، اسيمبلي ۾ مختصر ليڪچر ڏيڻ.
- ❖ شاگردن جي تعليم، خاص ڪري تربيت تي توجہ ڏيڻ.
- ❖ شاگردن جي تدريسي عمل لاءِ Guide Book ۽ Lesson Plan ٺاهڻ
- ❖ شاگردن جي تعداد ۾ واڌاري لاءِ ڳوٺن ۾ الڳ الڳ پاڙي وارن سان اسڪول جي بهتري لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ.
- ❖ شاگردن جي ذهني اوسر لاءِ شاگردن کان تقريري مقابلا ڪرائڻ، خاڪا پيش ڪرائڻ ۽ دانشور کان مختلف موضوعن تي ليڪچر ڪرائڻ.

الحمدالله جڏهن استاد پري پري جو سفر طئي ڪري، اسڪول پهچڻ لڳا ۽ مٿين نقطن تي عمل ٿيڻ لڳو ۽ والدين ڏنو تہ اسان جو مقصد اعليٰ ۽ بهترين تعليم ڏيڻ آهي. ۽ اڳتي هلي اهي معاشري لاءِ سٺا فرد ثابت ٿيندا، تڏهن ٿوري ئي عرصي ۾ جڻ تہ Elementary Cluster School ۾ انقلاب آيو. شاگرد جتي 10 کان 15 ٿائين هئا، اتي ٻن مهينن اندر 250 کان 300 جي لڳ ڀڳ وڃي ويا، بهرحال اهو اسان ڪي ڪاميابي جو هڪ ڪرڻو نظر آيو آهي. پر اسان ڪي اڃا گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. اسان جي معاشري ۾ Elementary Cluster School هڪ سٺي جڳهہ ولاري آهي. ان لحاظ کان وس وارن ڪي اها ئي اپيل ڪندس تہ خدارا اهڙن اسڪولن جي سنڌ ۾ سخت ضرورت آهي ۽ اهڙا اپاءُ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ بہ ڪنيا وڃن.

**

# احساس پروجيڪٽ جون سرگرميون

*سوري مٿان سنڌڙا ڏاڍا ڪالهه ڪيام،*
*جاٽي ٻڌي سنڌڙي ٻوڙي ڪن نه ٻڌام،*
*آڌي رات اجهام ڏيئا منهنجي ڏات جا.*

مقصود احمد ڪولاچي



**پس منظر:**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) يونيسيف ۽ گڏيل صحت سروس جي تعاون سان ضلعي بينظير آباد (نوابشاهه) ۽ لاڙڪاڻي ۾ ماءُ ۽ ٻار جي بهتر صحت جي حوالي سان "احساس" نالي پروجيڪٽ جي شروعات ڪئي آهي. جنهن جو بنيادي مقصد ماءُ ۽ ٻار جي صحت متعلق ماڻهن ۾ سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ آهي ته جيئن اهي صحت کاتي سان رابطه ڪاري واري عمل کي بهتر طريقي سان سرانجام ڏيئي سگهن ۽ پنهنجي زندگين ۾ بهتري آڻي سگهن.

هن پروگرام تحت خاص طور تي انهن ڏورانهن علائقن تائين پهچڻو آهي، جتي ليڊي هيلٿ ورڪر (LHW) جي عدم موجودگي جي ڪري صحت جون سهولتون اڌوريون رهجي وڃن ٿيون. ۽ جن علائقن ۾ (LHW) ناهن انهن ۾ ۽ (LHW) جي ساڳئي عمل تحت انهن ۽ ڳوٺاڻن مرد ۽ عورتن مان فيملي فوڪل پرسن (FFP) چونڊڻو آهي جيڪو سکيا وٺڻ کانپوءِ (LHW) وانگر پنهنجا فرائض سرانجام ڏيندو ۽ ماڻهڻ لاءِ خصوصا ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي متعلق سماجي جاڳرتا پڻ ڏيندو ۽ ماڻهن کي احساس پروجيڪٽ جي تحت صحت کاتي سان مختلف پروگرامن ۾ ڀاڱيداپي جو ڪردار ادا ڪندو. ۽ ڳوٺاڻن ۾ جامع جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿوته هو صحت جهڙي اهم شيءِ کي سمجهندي، انهن لاءِ ناهيل اسپتالن مان پورو فائدو وٺن. اهڙي مهم گهر گهر پڻ هلائي وڃي ٿي.

**ڳوٺ جلال ڏاهري يونين ڪائونسل هيري.** هي ڳوٺ تعلقه قاضي احمد ايٽ دولتپور کان اٽڪل 26 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي. هن ڳوٺ جي آبادي لڳ ڀڳ 2000 آهي. هن ڳوٺ جا اڪثر ماڻهو هارپور ڪندا آهن. جڏهن پهريون ڀيرو سرسو جي ٽيم هن ڳوٺ ۾ پهتي تي اتان جي مقامي وڏيري ٽيم کي سختيءَ سان منع ڪري ڇڏيو گهرن ۾ اندر وڃڻ کان. جنهن بعد سرسو جي يونٽ انچارج ۽ سموري ٽيم ڳوٺاڻن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري کين سمجهايو ته اسين توهان جي ڀلي لاءِ هتي پهتا آهيون. ۽ هميشه توهان سان گڏجي ڪم ڪنداسين، اسان جي اداري جو مقصد ڳوٺاڻين عورتن کي صحت صفائي ۽ ويم وارين عورتن کي آگاهي ڏيڻ ۽ انهن جي رهنمائي ۽ مدد ڪرڻ آهي. اسان توهان کان ڪجهه وٺڻ نه پر ڪجهه ڏيڻ واسطي هتي آيا آهيون. انهيءَ کانپوءِ سيني کي ساڻ ڪري ڳوٺ جي وڏيري سان هڪ گڏجاڻي ڪئي سين ۽ کيس پروگرام جو مڪمل تعارف ڪرايو سين ۽ کيس سمجهايو سين ته ڪجهه عورتن سان مسئلا اهڙا به هوندا آهن جيڪي صرف عورتون ئي سمجهي سگهن ٿيون.

ان گڏجاڻي کان پوءِ مقامي وڏيري کي اسان جي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ۽ تنهن بعد سوشل آرگنائيزر ريما مزناڻي ۽ ناديه خانزاده پاڙي جي حساب سان سڀ کان پهريان مسمات حيات خاتون جي گهر ۾ وڃي ڳوٺاڻين عورتن

ڪي ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ڪين ٻارن ۽ ڳورهارين عورتن ۾ جهٽڪن جي بيماري ۽ ٽڪن بابت مڪمل آگاهي ڏني. ڳڏوڳڏ ڳوٺاڻين عورتن کي سرسو اداري جو پڻ باقاعده تعارف ڪرايو سيني عورتن تمام گهڻي خوشي، سرهائي ۽ راضپي جو اظهار ڪندي چيو تہ توهان اسان لاءِ روشني جي هڪ لاٽ ٻڌجي آيا آهيو، اسين تہ هت انڌيري ۾ زندگي پيون گذاريون، اسان کي توهان جي رهنمائي ۽ مدد جي ضرورت پوندي. هن گڏجاڻي ۾ 17 عورتون شامل ٿيون.

گڏجاڻي ۾ مائرن کي صحت بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏيندي کين آگاهہ ڪيو ويو تہ دوران حمل 4 چيڪ اپ لازمي ڪرائڻا هوندا آهن. جنهن ۾ بلڊ پريشر، رت جي گهٽتائي وزن ۽ جهٽڪن جي بيماري کان حفاظتي ٽڪا پڻ لڳايا ويندا آهن. وڌيڪ معلومات فراهم ڪندي کين ٻڌايوسين تہ نئين ڄاول ٻار کي 48 ڪلاڪن کانپوءِ وهنجاريو، ٻار کي جلد وهنجارڻ سان جهٽڪو ٿي سگهي ٿو ۽ جنهن ڏينهن ٻار جي پيدائش ٿئي ان کي ترت اسپتال ۾ حفاظتي ٽڪا ۽ پوليو جا ڦڙا پيئاريا وڃن.

ان کان علاوه عورتن کي ويم جي باري ۾ آگاهي ڏيندي کين ٻڌايوسين تہ توهان ويم اسپتال ۾ ڪرايو. احساس پروجيڪٽ جي تحت شاهپور جهانيان ۽ دولتپور ۾ رورل هيلٿ سينٽرن (RHCs) ۾ نارمل ويم جي سهوليت ميسر آهي ۽ THQ قاضي احمد ۾ ننڍو ۽ وڏو آپريشن پڻ مفت ڪيو پيو وڃي. هي سينٽر 24 ڪلاڪ کليل هوندا آهن. گهرن ۾ ويم ڪرڻ سان ماءُ ۽ ٻار جي زندگي کي خطرو هوندو آهي ۽ اسپتال ۾ ٻنهي جي زندگي محفوظ هوندي آهي.



گڏجاڻي ۾ موجود عورتن مثبت موٽ ڏيندي چيو تہ اسان جي پيغام ڳوٺ جي هر عورت تائين پهچائينديون سين. پاڙي سطح واري عورتاڻي تنظيم سازي بابت پڻ ڄاڻ ڏني وئي، جنهن کان متاثر ٿي انهن 17 عورتن هڪ تنظيم جوڙي جنهن جو نالو ”جلال“ رکيو ويو تنظيم ۾ صدر حيات خاتون زال علي شير ۽ مئنيجر قزبانو زال فتح محمد کي چونڊيو ويو. هن ڳوٺ ۾ ليڊي هيلٿ ورڪر جي ڪمن ڪارين بابت کين تفيصل سان ٻڌايوسين تہ ليڊي هيلٿ ورڪر جو ڪم ڇا آهي. ۽ هوءَ ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪري ٿي. انهن عورتن ۾ موجود ريحانہ زال علي گوهر جيڪا پرائمري پاس آهي تنهن راضپو ظاهر ڪيو تہ آءُ سرسو سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. تنهن بعد ريحانہ کي فيملي فوڪل پرسن (FFP) لاءِ چونڊيو ويو. اهڙيءَ طرح احساس پروجيڪٽ ۽ سرسو جي هيءَ ننڍڙي ڪاوش رنگ لاتو ۽ ڳوٺ جلال ڏاهريءَ جي عورتن پاران ڀرپور موٽ ملي. ڳوٺاڻين عورتن هن پروگرام کي تمام گهڻو ساراهيو، ڳوٺاڻين سرسو ۽ احساس پروجيڪٽ جي ٽيم جا ٿورا مڃيندي مستقبل ۾ بہ اهڙا پروگرام هن ڳوٺ ۾ ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، ۽ انهيءَ ڳالهه جو ورجاءُ ڪندي چيو تہ سرسو ۽ احساس پروجيڪٽ جو هي پيغام اسين هر عورت تائين پهچائڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽائينديون سين. انهيءَ ۾ اسان غريب عورتن جو ئي فائدو آهي. چوڻ صحت هڪ انمول خزانو آهي، زندگي تمام قيمتي شيءِ آهي جيڪا انسان کي صرف هڪ ڀيرو ملي ٿي. سِيرُ علاج کان آنو پرهيزخ ۽ احتياط بهتر آهي. اهڙا ويچار ونڊيندي ڳوٺاڻين سرسو جي ٽيم جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ڀرپور تعاون جو لاسو پڻ ڏنو.

**

# حصولات وارو شعبو Procurement Unit



اميت راجا

## پس منظر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جو وجود 2003ع کان آيو. ان وقت ئي هن اداري کي مختلف شين جي خريد ڪرڻ جي ضرورت درپيش آئي مثلا فرنيچر، گاڏيون، اسٽيشنري وغيره وغيره اداري جي ضروريات کي مدنظر رکندي شيون خريد ڪيون وينديون هيون.

جيئن جيئن شين جي حاصلات ۾ واڌ ايندي وئي ۽ اداري ۾ ڪم وڌڻ لڳو تيئن ئي سسٽم ٺاهڻ جي تجويز زير غور آئي ته جيئن لاڳاپيل شعبن کي به آساني پئدا ٿئي ۽ شين جي حاصلات ۾ عملي کي دير نه لڳي. ان سلسلي ۾ ٽن ميمبرن تي مشتمل هڪ ڪميٽي ٺاهي وئي. ان جي آڏو Quotations پيش ڪيا ويندا هيا ۽ پوءِ هڪ جامع Comparative statement ٺهندي هئي جنهن تي ڪميٽي جا ميمبر صحيحون وجهندا هيا.

ان کان پوءِ شين جي جانچ پڙتال Audit ٿيندي هئي. مختلف عالمي ادارن ۽ ملڪي ادارن جڏهن کان سرسو سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته ان کي ڪجهه ڏکيائون پيش آيون ۽ شين جي حاصلات ۾ دير ٿيڻ لڳي نتيجي ۾ Progress متاثر ٿيندي رهي.

اداري جي سربراهه ۽ بورڊ آف ڊائريڪٽرس آگسٽ 2010ع ۾ فيصلو ڪيو ته حصولات جو شعبو (Procurement Unit) قائم ڪيو وڃي. جنهن جو هڪ آزادانه عالمي ادارن سان موافقت رکندڙ منظور شده پاليسي هجي. اهڙي فيصلي سان هي شعبو وجود ۾ آيو ۽ هڪ حاصلات جي پاليسي Procurement Policy جوڙي وئي جنهن کي بورڊ آف ڊائريڪٽرس منظور ڪيو.

حاصلات جي پاليسي جا مکيه قانون:

1. ويهه هزار روپين جي خريداري هر شعبي جو انچارج آفيسر ڪري سگهي ٿو.
2. ويهه هزار کان مٿي جيڪا به خريداري ٿيندي سان هن شعبي جي ماتحت ٿيندي.
3. اهڙي خريداري لاءِ واپارين کان 3 عدد Quotations گهرايا ويندا آهن.
4. ويهه لکن کان مٿي جيڪڏهن حاصلات آهي ته ان جي اشاعت لاءِ ٽينڊر گهٽ ۾ گهٽ ٻن اخبارن ۾ ڏنو ويندو آهي.



5. حاصلات لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي آهي جنهن جا 4 عدد ميمبر ۽ هڪ چيئرمين آهي. اهڙا سيئي ميمبر اداري جو سربراهه مقرر ڪندو آهي. ڪميٽي جي آڏو Comparative statement به ڪوٽيشن جي پيش ڪيون ويندون آهن. اگهن، ڪوالٽي جي جانچ پڙتال بعد مشترڪ راءِ سان حاصلات جو فيصلو ڪيو ويندو آهي.
6. نوڪرين جي پرتين لاءِ اخبار ۾ اشاعت پڻ هن شعبي طرفان ڏني ويندي آهي.

7. حاصلات ڪميٽي هرهفتي ميٽنگ منعقد ڪندي آهي.
8. هرشعبي جو سربراهه جنهن کي ڪا شيءِ گهربل هوندي آهي تہ هڪ Requisition جمع ڪرائيندو آهي.

**هن وقت تائين ڪيل ڪم جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.**




| نمبر | سال | رقم | سيڪٽر |
|---|---|---|---|
| 1 | 2010-2011 | 1,120,126,898 | HO, NRM, UCBPRP, PITD, MF, HRD , Projects and Districts |
| 2 | 2011-2012 | 93,097,836.10 | HO, NRM, UCBPRP, PITD, MF, HRD , Projects and Districts |
| 3 | 2012-2013 | 29,598,748.70 | HO, NRM, UCBPRP, PITD, MF, HRD , Projects and Districts |
| | ٽوٽل گڏيل رقم | **1,242,823,482.80** | |

حاصلات واري شعبي جو عزم آهي تہ اداري جي ساک کي وڌائي، هر شعبي کي وقت سر شيون فراهم ڪري. ڪوالٽي تي ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ڪري ۽ هرڪم کي شفاف نموني سان سرانجام ڏئي.
هي شعبو غريبن جي غربت ختم ڪندڙ مختلف پراجيڪٽس جي تڪڙي عمل ۾ هر وقت ڪوشان ۽ سرگرمِ عمل آهي. سندس هن وقت تائين ڪيل ڪم کي اداري جي سربراهن ساراهيو آهي ۽ وقت سان گڏوگڏ هن شعبي جون ذميداريون پڻ وڌنديون رهن ٿيون.

## سهڻا سخن

- بزرگن سان ڪيل گستاخين جي سزا گستاخ اولاد جي شڪل ۾ ملندي آهي.
- مجبور انسان پنهنجي حقن تان دستبردار ٿيڻ کي ئي پنهنجي حق ۾ بهتر سمجهندو آهي.
- منافق جي دل ۾ ڪجهہ هوندو آ ۽ زبان تي ٻيو ڪجهہ، بہ قدم زبان سان گڏ ڪٽي ٿو ۽ چار قدم دل ئي دل ۾ پوئتي هٽي وڃي ٿو.
- مون کي ان تي تعجب آهي، جيڪي ماڻهن جي عيب جوئي ۾ مصروف آ، ۽ پنهنجي عيبن کان غافل آهي.
- غربت گناهن کان بچائي ٿي، تونگري گناهن جو چار آهي.
- جيڪا شيءِ تنهنجي نصيب ۾ هوندي سان توکي ضرور ملندي، ان لاءِ سوال نہ ڪر تون پنهنجي حال تي باادب ۽ خوش رهہ.
- اگر توکي خبر هجي تہ دنيا جو مال ملڪيت، توکي آخرت ۾ ذليل ۽ خوار ڪرائيندي تہ تون دنيا جو طالب ئي نہ ٿئين.
- سمجهو تہ خدا اجان اوهان کي ڪجهہ ڏينهن ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ڏنا آهن. ۽ خدا جي منصوبي مطابق اوهان کي ڪجهہ اهو ڪرڻو آهي، جيڪو اوهان نہ ڪيو آهي.
- اهي دعائون جيڪي ٻين لاءِ گهريون وڃن ۽ اهو ڪم جيڪو ٻين لاءِ ڪيو وڃي اثر کان خالي نہ آهي.
- فضيلتون ڏاريو، هڪ ٻئي سان محبت وڌايو ۽ ماڻهن کي خدا جي طرف کان خوشخبريون ٻڌايو رڳو عبادتون تہ جنت ۾ نہ وٺي وينديون.

# غريب مارو‌ئڙن کي منظم ڪرڻ

سيده نازيہ شاھ



کھڙي بہ سطح تي ترقياتي ڪم ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڏيڪ اهميت ترقياتي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ انهيءَ ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ طريقءِڪار جي هوندي آهي (Strategy Planning) جنهن کي قطع نظرانداز نہ ٿو ڪري سگھجي. انهيءَ لاءِ هيٺين سطح تي انهيءَ ڪم کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ نظام جي موجودگي انتهائي ضروري آهي. پر انهيءَ ڪم کي حاصل ڪرڻ لاءِ نظام جي موجودگيءَ کان بہ وڏيڪ اهم ڳالھ اها آهي تہ اها هڪ منظم غريبن جي صورت ۾ آهي. اهو عمل هڪ اهڙي هلندڙ گاڏيءَ جي روپ ۾ سامهون ايندو جنهن سان غريب ماڻهن جي پنهنجي ئي ترقيءَ لاءِ قابليت وڌندي مطلب تہ هيٺين سطح تائين ماڻهن جي مڪمل شموليت تڏهن ئي ممڪن آهي جيستائين غريب مارو‌ئڙا منظم ٿيندا.

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ تنظيم سان وابستگي هڪ ئي قبيلي سان هجڻ ضروري آهي. پنهنجين ضرورتن جي نشاندهي ۽ انهن جي حاصلات لاءِ زمين رکندڙ ۽ زمين نہ رکندڙ زرعي مزدور ۽ عام مزدور، مالوند، مقاطعي دار ۽ فصل ۾ پاڱي پائيوار عورتون خصوصي طور تي محروم ٿيل گروھ جي صورت ۾ پنهنجي مقصدن جي حاصلات لاءِ هڪ الڳ منظم گروھ جي صورت اختيار ڪري سگھن ٿا.



غريبن مارو‌ئڙن جون تنظيمون خاص ڪري سماجي تنظيمون هڪ خود پائدار ترقياتي ادارن جي صورت ۾ ترقياتي پائيوار جي حيثيت سان سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن سان شامل ٿينديون آهن. اهڙي حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميونٽيءَ کي قانوني ۽ پنهنجي ساک برقرار رکڻ جي حوالي سان سيني ڌرين کي ڏسڻو پوندو، خاص ڪري غريبن کي. تنظيم کي قانوني طور تي جوابده ٿيڻو پوندو جيڪڏهن موجود سماجي ۽ سياسي حالتن سان سهڪار نہ ڪيو تہ ان جي ساک وڏيڪ بهتر نہ ٿيندي جڏهن تہ اها پنهنجن سمورن ساٿين کي فائدا پهچائيندي.

انهيءَ ڳالھ کي يقيني بنائڻ لاءِ تہ تنظيم پنهنجو پاڻ تي پاڙڻ لاءِ هڪ وسيع بنياد رکندڙ اداري جي صورت ۾ رهندي، ان لاءِ سرسو هروقت ٻن بنيادي اصولن کي جاچيندي ۽ انهن تي زور ڏيندي رهندي. پهريون تہ تنظيم کي لڳاتار بنيادن تي جنرل باڊي جي گڏجاڻي ڪرڻي پوندي. اها گھرج انتهائي ضروري آهي تہ جيئن سمورا ساٿي دوست مستقل بنيادن تي پنهنجي تنظيم جي ضرورتن ۽ ڪيل ڪم جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺي سگھن. چالاءِ



تہ ڳوٺ جي سطح تي وسيع پئماني تي ترقيءَ جي ذميواري صرف اڪيلن فردن ۽ ڪاميٽين جي طرفان ادا نہ ٿي ڪري سگهجي، سمورا ساٿي (ڪم ۾ شريڪ فرد) ان مان فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ جي ترقيءَ واري عمل ۾ ضرور شريڪ ٿين. ٻئي بنيادي اصول جي پوئواري اها آهي تہ سمورا ساٿي دوست مستقل بنيادن تي ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ پنهنجي طرفان ڪيل بچت ضرور جمع ڪرائين. برابريءَ جي بنياد تي جمع ڪيل اهو پئسو تنظيم جي پائداريءَ لاءِ تمام وڏي اهميت جو حامل آهي.

سرسو طرفان ٺاهيل سمورين تنظيمن جي پائداريءَ لاءِ انهن کي مهيني ۾ ٻہ دفعا مستقل بنيادن تي گڏجاڻيون ڪرڻيون پونديون. ۽ تنظيم جي وهنوار کي ڪڍڻ ٻہ چند ميمبرن جي آسري تي نہ ڇڏيو. سماجي تنظيمون پنهنجي آفيس جي اڳواڻيءَ لاءِ صدر ۽ مئنيجر جي چونڊ ڪنديون پر اها تنظيم جي انتظام هلائڻ لاءِ ڪاميٽيءَ جي چونڊ نہ ڪندي. ميمبرن جي شموليت ۽ حصيداريءَ کي يقيني بنائڻ لاءِ جنرل باڊيءَ جي هر پندرنهن ڏينهن باقاعده گڏجاڻي گهرائڻي پوندي. ايئن ڪرڻ سان تنظيم کي چند فردن طرفان پنهنجي ذاتي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ قبضي ٿيڻ کان بچائڻ ۾ مدد ملندي.

سمورين ڪيل سرگرمين جو مرڪز سماجي تحرڪ ئي آهي. سرسو جي پروگرام وارن علائقن جي 56% سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان ٻہ هيٺ زندگي گذاري رهي آهي. منظم ڪيل ڪميونٽين جي ضرورتن جي پورائي لاءِ اهو ضروري آهي تہ ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ وسيع سوچ رکندي گهر جي سطح واري منصوبہ سازي ۽ ننڍي پيماني واري منصوبہ سازي کي بنياد بڻائيندي وسيلن کي ڪميونٽي منجهان ئي حاصل ڪيو ويندو ۽ پوءِ سرسو ڳوٺاڻي سطح تي پئداواري، پائدار ترقي ۽ سماجي انصاف جي واڌاري کي برابري جي بنياد تي حاصل ڪري سگهندي.



سرسو جو ڪم اهو آهي تہ پاڙي سطح تي ماڻهن جو ڪٺ گڏ ڪري تنظيم جو روپ ڏئي انهن کان ئي سندن بنيادي مسئلن جي نشاندهي ڪرائي. ان بعد سندن ذهني جاڳرتا ڪندي کين ان لائق بڻائي تہ هو غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙين. ماڻهن کي مڇي ڏيڻ جي بدران کين مڇي مارڻ جا هنر سيکاريندي کين، ڪنديو، ڄار يا نڙو وٺڻو پوندو آهي ۽ پوءِ اسُر ويل اُٿي ٺڏي پاڻي جي تلائن مان مڇي جا ٽوڪرا شڪار ڪري ايندا تہ ان سان انهن ۾ پاڻ پتوڙڻ، هنر جو اچڻ ۽ آمدني وڌائڻ جهڙا گُرَ هٿ اچي ويندا، سرسو ان سلسلي ۾ فني مهارت فراهم ڪري ٿي. پوءِ پلي سندن تعلق زندگيءَ جو کهڙي ٻہ وهنوار سان هجي. زراعت، مال مويشي، هنر پرت، رليون سبڻ، دائپي سان واڳيل، ڀرپور لاڀ حاصل ڪندي آسوده ۽ خوشحال زندگي طرف وک وجهڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. انهن ۾ روشني جي ڪرڻ اچڻ سان لاٽ پئدا ٿي پئي آهي. هاڻ هو صحت، صفائي ۽ تعليم جهڙن منجهيل ۽ سائيل مسئلن مان ٻہ نڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي.

*




سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

سرسو ڪامپليڪس - ويجهو تاج پيٽرول پمپ، شڪارپور روڊ سکر.